سنت مهاتمائون، گائڪ، وڪيل، پروفيسر، ٽيچر، نيتا ۽ اَپينيتا
پنهنجي آواز جي ڪري نالو ۽ ناڻو ڪمائين ٿا. ان لاءِ گلي جي
صفائيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ ضروري آهي. ڪن ماڻهن جو آواز
بلند هوندو آهي ۽ ڪن جو آواز مڌر هوندو آهي، ڪن جو آواز
ڪرڪش هوندو آهي، ڪن جو آواز گهگهو هوندو آهي ۽ ڪن جو
آواز تمام سنهو نہ ٻڌڻ جهڙو هوندو آهي. آواز جو اَثر وڏو آهي.
آواز جي ڪري ئي ڪي گائڪ، ڪلاڪار ۽ نيتا توڙي اَپينيتا
لوڪپريتا حاصل ڪندا آهن. ڪن کي قدرتي ڏات آهي تہ ڪي
طبيعت کي سمجهي کائڻ پيئڻ جي عادت تي ڌيان رکندا آهن.
ڪي کاڌن کائڻ نہ کائڻ جا نيم نڀائيندا آهن.

آواز کي چٽو صاف رکڻ لاءِ اَسانکي گهرجي تہ گهٽي سٽي
وارا کاڌا نہ کائي ڦل کائون. طبيعت سمجهي ۽ موسم اَنوسار ميوا
کائون. لوڻ پاڻيءَ جون گرڙيون ڪريون.

وارن جي صفائي :

وارن جي بيهڪ، وارن جي رنگ سان ماڻهوءَ جي شخصيت
ٺهي ٿي. جيڪڏهن جوانيءَ ۾ ڪنهن اِستري يا پرش کي مٿي
تي وار ئي نہ هجن تہ اهو ماڻهو پنهنجي شخصيت جو کهڙو
اَثر ڏيکاريندو. وار يل ڪارا هجن يا ناسي هجن ۽ وڏيءَ عمر ۾
يل سفيد هجن. وارن جي هئڻ سان ماڻهو سنو-ٺاهوڪو لڳندو
آهي. ڪي ماڻهو پنهنجن وارن کي ٺاهڻ لاءِ ڪيترائي ڪيميڪل
پدارٿ اِستعمال ڪندا آهن، پر اُهي ٿوري وقت لاءِ سونهن
بخشين ٿا، پوءِ پاڻ ويتر وڌيڪ خراب ٿين ٿا. تنهنڪري اَهڙين
شين کان پرهيز ڪجي تہ بهتر. وارن کي صاف رکڻ ضروري
آهي، پر اهو ضروري نہ آهي تہ Shampoos لڳائجن. وارن کي
نرم سِلڪي بڻائڻ لاءِ نيم سان سنو صابڻ واپرائجي ۽ سنو ڪوپرو
ڪم آڻجي. وار وڏا ڪرڻ لاءِ گهر ۾ شڪاڪائي، چمڪٽي، آورا

ڻ تماڪ جو واپرائڻ آهي. بمبئيءَ جي ٽاٽا ميموريل اسپتال رتي ٿيل مريضن جي چڪاس ڪرڻ تي ڪيترن کي ڦڦڙن ڪئنسر جي بيماريءَ جو مکيہ ڪارڻ بيڙي ڇڪڻ هو، نڪري اُنهن مريضن کي کائڻ جي نليءَ ۾ ڪئنسر ٿي هئي.

ڀارت جي لوڪ سڀا ۾ تندرستي کاتي جي وزير پڻ ظاهر ؤ آهي تہ سنسار جي تندرستي کاتي جي باري ۾ جانچ ـڙن ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ ڦڦڙن جي ڪئنسر ٿيڻ جو ـہ ڪارڻ تماڪ ڇڪڻ آهي. انڪري ڀارت سرڪار سگريٽ پئڪيٽ تي چيتاوني لڳائي آهي، ”تماڪ صحت لاءِ سانڪار آهي.“ هيءَ عادت ڇڏڻ ڏکي آهي، پر ناممڪن نہ ں. اِڇا شڪتي ۽ پختي ارادي سان ڪابہ ڳالهہ ڪٺن نہ آهي.

پان کائڻ جي رسم ڀارت ديش ۾ پراچين آهي ۽ اها ھون ڏينهن وڃي ٿي وڌندي. اڄ ڪلهہ ڪيترين شادين ۾ ي کائڻ بعد پان کائڻ لاءِ ملندا آهن. اها عادت وڃي ٿي زور ـي. اڳي اڪثر ڪري پان عيشي ڏنوان، راجائون ۽ وئشيائون ـائيندڀون هيون. اَڄ ڪلهہ پان چباڙي وات ۽ ڏند ڳاڙها ڻ فئشن ٿي پيو آهي ۽ ڪيترا نادان سمجهندا آهن تہ ائين ڻ سان سونهن ٿي وڌي، پر حقيقت ۾ هوُ پنهنجي صحت ـہ ڪيڏي رهيا آهن. پان ۾ اِستعمال ٿيندڙ شيون انسان جي ءِ دماغ تي اَثر ڪن ٿيون. پان جي پنن ۾ پوءِ هڪ ڪيڙو ـدو آهي جو آنڊن ۾ خرابي پيدا ڪندو آهي ۽ ڪن جي پيٽ ڪئنسر جو روڳ پيدا ٿيندو آهي.

ـاب جو واهپو :

اڄ ڪلهہ شراب جو واهپو ڏن بہ ڏن وڌندو وڃي ٿو. شراب ـ کي سمجهڻ لاءِ هي اِشتقاق ياد رکو : شر + آب. شر =

ڪيترا ماڻهو پان کائڻ جا عادتي بڻجي ويندا آهن. اهي هميشه
وات ۾ پان وجهي ڪم-ڪار به ڪندا آهن ته ڳالهائيندا به آهن.
جا ڳالهه ڪيترن کي نه وڻندي آهي.

اڄ ڪلهه پان ۽ گٽڪا تمام گهڻا ماڻهو کائڻ هڪ فئشن
سمجهن ٿا. ڪيترا ماڻهو گٽڪن جا پاڪيٽ کيسن ۾ رکن ٿا.
هڪ پڙي کائي پوري ڪندا ته ٻي وات ۾ وجهندا. گٽڪن ۾
تماڪ، ڪٿو، سوپاري ۽ ٻيون ڪيتريون هاڃيڪار شيون مليل ٿين
ٿيون. اهڙا گٽڪا کائڻ جي هڪ وار عادت پڪي ٿيڻ تي ماڻهو
پاڻ کي موت جي راهه ڏانهن ڌڪلي ٿو ۽ پوءِ عادت ڇڏڻ تمام
ڪٺن ٿيو پوي. تماڪ ۾ نڪوٽين نالي هڪ خراب زهر ٿئي ٿو،
جو دماغ کي آهستي آهستي خراب ڪندو ٿو وڃي ۽ ڪيترا ته رت
جي داٻ جي بيماريءَ جا شڪار ٿيو پون. تماڪ آفيم وانگر نند
آڻيندڙ زهر آهي، جيڪو دماغي توڙي شاريرڪ تنتن کي ساڻو ۽
نستو ڪري ٿو ۽ اکين جي جوت پڻ گهٽائي ٿو. نه فقط ايترو پر
وات، ڏندن ۽ نڙيءَ کي نقصان رسائي ٿو. عادتي ماڻهن جي رت
جي نارين کي سخت ڪري ٻڍاپو جلد آڻي ٿو. ٻچپن ۾ جيڪي
اهڙي عادت جو شڪار بڻجن ٿا، انهن ۾ ڪام واسنائون جلد
پيدا ٿين ٿيون ۽ اُنهن جي اَندر ۾ ڀڙڪائيندڙ واسنائن سبب بد
چلن ۽ دراچار جو ڪارو دونهون ڀڙڪو کائي ٻاهر نڪري ٿو. گهڻ
وقت تماڪ جي واپرائڻ سان نامردي ٿئي ٿي. ڊاڪٽر چارلس
جو چوڻ آهي ته گهڻي تماڪ وٺندڙ کي مرگهي ۽ نامرديءَ جهڙ
روڳ ٿين ٿا. مشهور ودوان ۽ سماج سڌارڪ دوست جان رسڪن
جو چوڻ آهي، هاڻوڪي تهذيب کي خراب ۾ خراب پاراتو تماڪ
نوشي آهي.

هن وقت مغربي ملڪن توڙي ڀارت ۾ ٿيندڙ کوجنائن
مان اهو ظاهر ٿيو آهي ته وڌندڙ ڪئنسر جي مرض جو هڪ مکي

ساڪ ڇڪڻ هڪ ڏوھ ٺهرايو ويو هو. انگلنڊ جي مهاراڻي
ليزابيٿ ۽ ٻين ڪيترن ملڪن جي راڄائن تماڪ ڇڪڻ تي نڪ
ٽنگ ڪرائڻ جي سزا ۽ چپن ڪٽائڻ جي سزا مقرر ڪئي هئي.

هي شرير اسانکي پرماتما وٽان سوغات طور مليل آهي يا
سام طور عطا ٿيل آهي. اَهڙيءَ چيز جي حفاظت ڪرڻ سياڻي
ٺهوءَ جو مکيہ فرض آهي. ڏن جي بچت ڪرڻ سان گڏوگڏ شرير
ي رکشا ڪرڻ تمام ضروري آهي.

ڪي هنڌائڻ جوڳيون ڳالهيون :

) صحتمند کاڌو ۽ چشڪو :

اڄ ڪلهہ ڏٺو ويو آهي تہ کاڌو چشقيدار آهي تہ واهہ واهہ
اهو نہ ڏٺو ويندو آهي تہ اهو کاڌو صحتمند آهي يا نہ. کاڌو
ير کي شڪتي بخشي ٿو، پر ڪهڙو کاڌو؟ کاڌو اهو وڻي ٿو
يکو وڌ ۾ وڌ سوادي آهي. ائين تہ هرهڪ کاڌي پيتي ۾
نهن نہ ڪنهن طرح قدرتي سواد آهي، پر اڄ سواد جو مزو
جهہ ٻيو سمجهيو وڃي ٿو. سني ۽ سوادي کاڌي ۾ ڪجهہ
ق آهي. سوادي کاڌو ٿي سگهي ٿو سنو نہ بہ هجي
ڪڏهن ڪڏهن سنو کاڌو ڪيترن کي سوادي نہ
ٿندو هجي.

تندرستيءَ جو دارومدار سني کاڌي کائڻ تي آهي نہ ڪ
ادي کاڌي کائڻ تي آهي. سچ تہ اهو آهي جو سوادي
اڌي جو تندرستيءَ سان ميل نہ آهي. اڄ ڪلهہ جيڪي
ادي کاڌا لڳن ٿا، اُنهن کاڌن مان نقصان ٿين ٿا. جتي
وتي سوادي کاڌا کائڻ لاءِ ملندا، اُتي تندرستي رهي ڪانہ
نهندي. جي تندرستي قائم رکڻي آهي تہ گهٽا سوادي کاڌا
ڏٽا پوندا. اڳ جي زماني ۾ ماڻهو وڌيڪ تندرست، سگهارا ۽

شيطان + آب = پاڻي = شيطاني پاڻي. شراب جهڙي بري نش
کي سيني ڌرمن ۽ مذهبن جي شاسترن ننديو ۽ ڌڪاريو آهي
شراب جو سرير تي اهڙو برو اَثر ٿئي ٿو جو انسان پنهنجو هوش
حواس وڃائي ٿو ويهي. شراب هي ڀڙڪائيندڙ اثر پئدا ڪري ٿ
شرابي اَنڌو ڪامي بڻجي پوي ٿو، جنهن کي ماءُ ڌيءُ جي
ساڃهہ نٿي رهي. شراب ماڻهوءَ کي ڌرم ڪرم تان ڪيرائي
ڇڏي. شراب ۾ جيڪڏهن ڪچي ماس جو ٽڪرو وجهي ڇڏي ڏ
۽ انکي ڪجهہ مُدت بعد جاچيو، ڏسندا تہ ماس ڪپهہ وانگر ڳرب
نظر ايندو. هن ڳالهہ مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ ا
انساني صحت لاءِ ڪيتري قدر هاڃيڪار آهي. شراب واپرائ
سان جگر-جيرو ڪمزور ٿيندو آهي. نہ فقط ايترو، بلڪ شراب
واهپو اکين جي جوت ۽ دماغ جي طاقت گهٽ ڪندو آهي.

شرابي ماڻهو دماغي ميزان وڃائي ويهندو آهي، تنهنڪر
هلڻ وقت، لڏندو نظر ايندو آهي ۽ بڪ بڪ ڪندو رهندو آهي
شراب پهرين ماڻهو شونق وچان پيئي ٿو، پر اڳتي هلي شرا
انسان کي پيئي ٿو. شرابيءَ جي اڃا شڪتي بہ ڪمزور رهند
آهي. شراب واپرائيندڙ يا تہ سنهو ڪک ٿيندو ويندو يا ٿلهو متا
بيڊؤلو ٿيندو ويندو آهي. شرابيءَ ۾ اڌ مٿي جو سور، ٽي.بي.
مرض، چرياڻپ، مرگهي، مٺا پيشاب، سنڌن جو سور ۽ ٻيا مرض
جلد وچڙندا آهن. شراب دل ۾ دماغ کي زهريلو ڪري ٿو. انگل
۾ شراب جو واهپو وڌيڪ آهي، انڪري اتي اها چڪاس ڪر
ظاهر ڪيو ويو هو تہ اُتي چاليهہ سيڪڙو آپگهات شراب پيئ
ڪري ٿين ٿا. شراب هر حالت ۾ گهاتڪ آهي. شراب ڪيتر
گهرن کي برباد ڪيو آهي. شراب ڪيترا اخلاقي گناهہ ڪرائ
ٿو.

تماڪ ۽ شراب خاني خراب ثابت ٿيا آهن. سئٽزرلئنڊ

ن کي دل جو احوال اورڻ گهرجي ۽ ڪائنس صلاح وٺڻ گهرجي.
نجي ضروري ڪمن پوري ڪرڻ بعد فرصت جي وقت ڪي
هيون ڪرڻ سان من کي سُڪون ملي ٿو. ڪي ڳالهيون ڏيان ۾
۽ عمل ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪرڻ سان من کي آنند اچي ٿو :

) سٺو ساهتيہ پڙهڻ :

فرصت جي وقت اَڪثر ماڻهو سنيما گهرن، ڪنهن هوٽل،
هن ريسٽارنٽ يا ڪلب ۾ ويندا آهن يا يارن دوستن سان
ٽيون رکندا آهن. اتفاق سان اَهڙيون ڳالهيون ڪجهہ تہ ڪو
ج ناهي، پر جي جلد بہ جلد اَهڙيون ڳالهيون ڪبيون تہ پئسي
زيان سان گڏوگڏ قيمتي وقت جو زيان آهي. سياڻي ماڻهوءَ
اهو سمجهڻ گهرجي تہ سٺا ڪتاب سٺا دوست آهن.
توٽيڪ اڄڪلهہ ٽي.وي. ڏسڻ سبب گهڻا چون ٿا تہ ڪتاب
هڻ جو وقت ئي نٿو ملي. پر وندر لاءِ ٽي.وي ئي هڪ ساڌن
ي. گهڻو وقت ٽي.وي. جي سامهون رهڻ سان گهڻا نقصان
ن. ساهت ٽي.وي. پروگرامن جي ڪري گهٽي مات ڪاڏي
ي، پر سياڻا سمجهو اِن ڳالهہ کي پروڙي پنهنجو گهڻو وقت ان
الهہ ۾ زيان نہ ڪندا آهن. سٺن ڪتابن پڙهڻ سان ماڻهو گهڻو
جهہ پرائي سگهي ٿو ۽ پنهنجي من کي وندرائي پڻ سگهي ٿو.
سانکي ڪي ڌارمڪ، اخلاقي، سماجڪ، ڪلاآتمڪ، شعر و شاعري،
هاڻين جا اَهڙا ڪتاب پڙهڻ گهرجن، جن جي پڙهڻ سان اَسين
هنجي ڄاڻ ۾ اِضافو آڻيون ۽ ڪٿي ڪجهہ ٻڌائي پنهنجي
عميت قائم رکي سگهون ٿا.

٢) سنگيت جو شونق : سنگيت جي وڏي اَهميت آهي، جن
ي پکوان سر ۽ ساز وڄائڻ جي ڏات بخشي آهي، سي ڀاڳيوان
هن. سُر ۾ سچ پچ جادوئي اَثر آهي. اڄ توهين ڏسندا تہ ساز
ي بلڪل نندا ٻار ساز ٻڌڻ سان هٿ پير هلائين ٿا. مون ڏٺو

سهڻا سُڊؤلا رهندا هئا، چاڪاڻ ۔ اُهي سادو صحتبخش کاڌو ئي کائيندا هئا. تي سگهي ٿو نندي عمر وارا ويهو اُٺويهو کاڌو پچائي وڃن، پر چاليهن سالن جي عمر بعد کاڌي پيتي جو خاص ڌيان رکڻو پوي ٿو. زبان جي چشقي اَڏين رهندڙن کي پوڻ کانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نظر ڪونہ ايندو. هميشهہ اهڙن بدنصيب انسانن کي ڊاڪٽرن جي پڙ پوڻو ٿو پوي. سياڻا اِها ئي صلاح ڏيندا آهن تہ کاڌو سادو، سنو، تازو، هلڪو، قوت بخش کائڻ سان ماڻهو نروڳي رهي سگهي ٿو.

(٢) چنتا چتا سمان :

چنتائن ڪرڻ وارو ٻين کي بہ چنتا ۾ وجهي ڇڏيند آهي. اَڪثر اهو ڏٺو ويو آهي تہ هرهڪ پاڻ کي وڏ ۾ وڏ سُکي رکڻ لاءِ گهڻي جفاڪشي ڪري ٿو. جيڪو ماڻهو گهڻيون اِڇائون رکي ٿو ۽ جي اهي پوريون نٿيون ٿين تہ فڪر ۾ پاڻ وجهي ٻين کي بہ فڪر ۾ ٿو وجهي. جيڪو گهرجن تي ظابطو رکي ٿو، اهـ چنتا کان بچي سگهي ٿو. فڪر ڪرڻ سان نقصان سواءِ ڪجهہ پلـ پوڻو ناهي.

چنتائن کان بچڻ لاءِ اَسانکي اهو وسارڻ نہ کپي تہ ڪاب ڪنن ڳالهہ اَسانجي سامهون اچي تہ بہ اَسانکي گهبرائڻ بلڪل نـ گهرجي. پر اهو سوچجي تہ اسان کان وڏيڪ مشڪلات ۾ ٻيـ ڪيترائي آهن. مالڪ اَسان تي وري بہ مهرباني ڪئي آهي اهي ڏکہ گهڻو وقت نہ رهندا. ”هي بہ گذري ويندو“ جو منـ ياد رکڻ سان من هلڪو رهندو ۽ ٿڌي دماغ سان ڪنائيءَ کي دور ڪري سگهبو.

هرهڪ کي ڪو نہ ڪو دوست يا مٽ مائٽ همراز بڻائـ ضروري آهي. ڪنن وقت تي اَهڙي دوست يا پنهنجي ويجهـ

ر و شهر جي هوا شڌ رهندي آهي. وڻ-ٻوٽا ڏينهن جو آس
ں واري ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڪاڌي طور ڪڻندا آهن ۽ انڪي
سيجن ۾ بدلي ڪندا آهن. اها آڪسيجن هوا کي شڌ ڪري
۽ ساهه کڻڻ ۾ صحت کي هڪ قسم جي قوّت بخشي ٿي.
جا وڻ ٻوٽا شهر جا ڦڦڙ آهن ۽ ڦڦڙن کي کپي شڌ آڪسيجن
ي هوا. ڳوٺن ۾ تہ اَهڙي شڌ هوا گهڻي ملندي رهندي
ي، چاڪاڻ تہ اُتي ڪليل کيت ٿين ٿا ۽ کيترن هنڌن تي گلن
وڻ ٿين ٿا. کيتن ۾ اناج سان گڏوگڏ کيتريون سبزيون ۽ ڦل
ا ٿين ٿا، جي انسان ذات کي قوت بخش خوراڪ ڏين ٿا ۽
ي هوا ڏيندا رهن ٿا. اسانجو اهو فرض ٿو بڻجي تہ گهر جي
ران اڳڻ ۾ ڪي ٻوٽا اَهڙا لڳايون، جنهن مان اسانکي مندائتا
کائڻ لاءِ ملن ۽ شيتل هوا بہ ملندي رهي. اڄ شهرن ۾ گهر
ا تمام گهٽ آهن پر اسانکي فليٽ ۾ رهندي بہ بالڪنيءَ جو
جهہ حصو بچائجي، جي گلن ڦلن جون ڪونڊيون رکجن ۽
ن ۾ من پسند گل ۽ تلسي لڳائڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان
عانجي گهر جي سونهن وڌندي، نہ فقط ايترو بلڪ توهانجي
۾ شڌ صاف هوا ملندي. انسان جي سٺي صحت جو راز
ي ئي آبهوا تي. جتي شڌ هوا ۽ شڌ پاڻي آهي، اتي ڪابہ
ساري گهر نہ ڪندي آهي.

) سٺر سفر :

هرهڪ انسان کي زندگيءَ ۾ پئسي ڪمائڻ جي لگن رهي
. چو تہ پئسي جي ٻل تي جيون جا سُکہ سهوليتون پائجن
ن. پر گهڻي مشغول زندگي بہ تہ صحيح ناهي. انساني سڀاءُ
ي تہ ڪڏهن ڪڏهن اهڙي ماحول ۾ رهي جو ڪجهہ وقت لاءِ
روز واري ڪم کان نجات پائي ۽ من خوش رهي. جيون جو
صد فقط پئسو ڪمائڻ ناهي، پر جيون جو مقصد آهي آنند

آهي، ساز تي سال کان ٻه گهٽ عمر وارا ٻه هٿ پير هلائين ٿا ۽ اها ڳالهه عالم آشڪار آهي ته پراچين ڪال کان ماتائون پنهنجي مٺي آواز سان لولي ٻڌائي اَبهم ٻالڪ کي ننڊرا ديويءَ کي گهرائي ٻالڪ کي گهري ننڊ ۾ آڻين ٿيون. اڄ جا ساز وڏي عمر جيڪي ٧٠ سالن کان وڏا آهن، سي پڻ ساز ٻڌي ڪڏهن ڪڏهن هٿ پير هلائيندا آهن. اَهڙو نشو چئجي يا جادوئي اَثر جو ازخود ڪيترن جا هٿ پير هلڻ شروع ڪن ٿا. اسانجي دل کي سنگيت وڻندو آهي، تڏهن ته اَسين ازخود اَهڙي تاثير هيٺ اچون ٿا. پر ڪڏهن ڪڏهن ساز زوردار هوندا آهن ۽ آواز کي ساز کائي ويندا آهن ته اَهڙو سنگيت مٺي جو سور ثابت ٿيندو آهي. سنگيت جو سچو لطف آواز جي مڌرتا سان ميل تي ٻڌل آهي. اسانکي ڪجهه وقت سنگيت سکڻ لاءِ نه ته سنگيت ٻڌڻ جو شوق هئڻ گهرجي ۽ سنگيت ٻڌي آنند وٺڻ گهرجي. ڪيترين کوجنيڪن اها ڳالهه ثابت ڪئي آهي ته ڪي بيماريون سنگيت ٻڌڻ سان ڇٽي وڃن ٿيون. خاص ڪري ڪي دماغي بيماريون مڌر آواز ۽ هلڪي سنگيت ٻڌڻ سان ڪن دماغي بيمارين ڇٽڻ ۾ اَهڙو لاڀ ڪيترن کي ملندو آهي.

(۴) باغ باني (Gardening) :

قدرت جو سچو آنند وٺڻو هوندو آهي ته ڪيترا پهاڙي شهرن ڏانهن سئر لاءِ ويندا آهن يا ڪيترا ناگرڪ صبح يا شام جي وقت شهر جي ڪنهن باغ ۾ گهمڻ ويندا آهن. ڪي پنهنجي اڱڻ کي سهڻن گلن-ڦلن سان ڪونڊيون سجائيندا آهن انيڪ ٻوٽا لڳائي صبح-شام انهن کي پاڻي ڏيڻ، ڀاڻ ڏيڻ، انهن کي گهٽي اُس کان بچائڻ يا ٻوٽن کي سهڻو روپ ڏيڻ لاءِ انهن کي ڪو آڌار ڏيندا آهن، جيئن اهي وڌن ته سهڻا لڳن. اه عادت تمام سٺي ڪارائتي آهي. شهر ۾ جيترا گهاٽا وڻ ٻو

هو آهن تہ اَهڙن ماڻهن جي مدد ڪري. ڪنهنڪي ڪا عرضي
ڏيڻي آهي، ڪٿي ڪنهنڪي ڪا ڳالهہ سمجهائڻي آهي،
ي کي فارم ڀري ڏيڻو آهي، ڪنهنڪي صحيح صلاح ڏيئي
ڪنهنجي رهنمائي ڪري ٿو تہ اَهڙي قسم جي سيوا کي من
شيوا ڪرڻ چئبو آهي. جيڪڏهن ڪو دولتمند ماڻهو آهي،
ٽي ڀڳوان مهر ڪري گهڻو ڪجهہ ڏنو آهي تہ سندس جو فرض
جي ٿو تہ هوُ اَهڙن غريب گهرجائو ماڻهن کي مالي مدد ڪري.
هنڪي اناج وٺي ڏي، ڪنهنڪي ڪپڙو لٽو وٺي ڏي، ڪنهنڪي
۾ گهربل ضروري سامان وٺي ڏي ۽ ڪن بيمار ماڻهن جي لاءِ
ئون وٺي ڏي، ڪنهن گهرجائو گهر ۾ نياڻيءَ جي شادي
ديءَ ۾ ڪجهہ سامان وٺي ڏي يا روڪ پئسا ڏي. ڪن نيڪ
هن جو نيم ٿيندو آهي تہ ڪمائيءَ جو ڪجهہ حصو اَهڙن
هن جي سهايتا لاءِ خرچ ڪرڻو آهي. اها تمام سٺي ڳالهہ آهي.
ي مدد جي ضرورت اڄ ڪلهہ ليکڪن شاعرن کي بہ ٿئي ٿي،
تہ اَڄ ڪتاب ڇپائڻ آسان ڳالهہ نہ آهي. گهڻي محنت، نور
ئڻ بعد ۽ جهجهو پئسو خرچڻو پوي ٿو. پيو وري ڪتاب خريد
ري پڙهڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ليکڪ جي مالي مدد سان ڪتاب
ائي پڌرو ڪندو ۽ ڪيس خريدار نہ ملندا تہ هوُ گهٽ قيمت
ندو تہ کي خريدار ملندا ۽ هو ڪيترن کي سوکڙي يا سوغات
ري ڏيندو. اها بہ سٺي ڳالهہ آهي. ڪيترا ساهتيہ جو قدر
ندڙ ان ڳالهہ ۾ پوئتي نہ آهن. اِها ڌن جي سيوا بہ سڦل سيوا
ي. مطلب، جنهنڪي جيتري ۽ جهڙي قسم جي شيوا پڄي ۽
ري، تہ اهو جس جو ڀاڳي آهي.

''نم نماڻي نيڪ، جنهن مان لاڀ آهن اَنيڪ''

نم واپرائڻ سان هينيان فائد آهن :

) نم جو نيم سان ڏندڻ ڪرڻ سان ڏند ۽ مهاڙون نروڳي

پائڻ. اِهو آنند جا آهي. ان بابت آنيڪ ويچاروانن جا انيڪ
پنهنجا رايا آهن ۽ ان گهرائيءَ ۾ وڃڻ هاڻ مناسب نٿو سمجهان
پر ايترو ضروري چوندس ته هر انسان کي ڪڏهن نه ڪڏهن
روزمره واري ڪم ڪار کان ڇنڪارو پائي ڪٿي نه ڪٿي سئر سفر
تي نڪرڻ گهرجي. گهر جي ڀاتين سان ته ڪڏهن يارن دوستن
سان، ڪٿي نه ڪٿي گڏجي وڃڻ سان پاڻ ۾ ميل ميلاپ وڌند
آهي ۽ اَهڙن هنڌن تي ئي انسان هڪ ٻئي کي سمجهي سگهند
آهي. ڪڏهن ڪنهن اتهاسڪ اهميت واري هنڌ، ڪڏهن پهاڙي
سونهن واري هنڌ، ڪڏهن ڌارمڪ اهميت واري هنڌ ته ڪڏهن
ڪنهن اهڙي آستان تي وڃجي، جت گهڻن پنهنجي دل ج
سُڪون پاتو هجي. اَهڙن هنڌن تي وڃڻ سان آسين پنهنجي
جاڻ ۾ اَظافو آڻي سگهنداسين ۽ گڏوگڏ آبهوا بدلي ٿيڻ سان من
کي خوشي ملندي.

(٦) دين ڏکين ۽ گهرجائن نيڪ ماڻهن جي مدد ڪرڻ :

چوندا آهن، ماڻهو ٽن قسمن جي شيوا ڪري سگهند
آهي، هرهڪ ماڻهو پنهنجي قسم سان وت آهر ڪا نه ڪا سي
ڪندو رهي ٿو. ڪو ڌن جي سيوا ڪري ٿو، ڪو من سان شي
ڪري ٿو، ته ڪو وري تن سان شيوا ڪري ٿو. انهن مان جيڪ
به جيتري به ڪو شيوا ڪري ٿو، ته سندس من کي خوشي پڙپ
ٿي. جي ڪوئي سگهارو صحتمند آهي ته اهو پنهنجي محن
سان غريب ۽ گهرجائو ماڻهن جي سيوا ڪري سگهي ٿو. ڪنه
دکياري انسان کي ڪمزور ماڻهوءَ کي، لاچار مسافر کي ڪ
ويهاري، رستو پار ڪرائي، ڪنهن ڌارمڪ آستان تي رسوئي گهر
مدد ڪري، جوتن جي سنڀال ڪري، پرساد-پوڄن ورهائڻ ۾ ه
ڊگهيري ته اها هڪ قسم جي تن جي شيوا آهي. جيڪڏهن ڪ
سمجهو سياڻو انسان آهي ته سماج ۾ جيڪي اڻڄاڻ، اڻپڙه

ڪائڻ سان ڪوڙهه جهڙو روڳ دور ٿي سگهي ٿو.

) نم جو چوڏو ڪاڙهي ٻه چار دفعا پيئارڻ سان ٽڏ جو بخار دور ٿئي ٿو.

) نم جي چوڏي جي رک وهندڙ ڦٽن تي ٻرڪڻ سان فائدو ٿئي ٿو.

) نم جي ٻور کي واڳڻ سان رڌي کائڻ سان پيٽ جا ڪيئان ناس ٿين ٿا.

) نم جي پنن جي رس ماکيءَ سان گڏي نيراني ڪجهه ڏينهن وٺڻ سان پيٽ جا ڪيئان ۽ سيڪيون ناس ٿين ٿيون.

) نم جا پن گهوٽي ميٽ وانگر وارن کي لڳائي ڪلاڪ اڌ ڪان پوءِ وار ڌوئي ڇڏجن. ڪجهه ڏينهن جي استعمال ڪرڻ سان وار وڌندا رهندا.

) نمورين جو تيل موڪن تي لڳائڻ سان فائدو ٿيندو رهندو.

) پڪل پيليون نموريون چوسڻ سان خوني موڪن ۾ فائدو ٿئي ٿو.

) نم جا پن چانوَ ۾ سڪائي اناج جي دٻن ۾ وجهڻ سان اناج کي ڪوئي ڪيڙو نه لڳندو.

۳) نم جا پن گهر ۾ ساڙڻ سان هر قسم جا جيوڙا ناس ٿين ٿا. پليگ ۽ وچرندڙ بيمارين وقت نم جي پنن جو گهر ۾ دونهون ڪرڻ تمام لاڀدايڪ ثابت ٿيو آهي.

رهن ٿا.

(٢) وات جي بانس دور ٿئي ٿي. ڏندن جا ڪيڙا ۽ وات پچڻ
دور ٿئي ٿو.

(٣) نم جا پن ۽ نم جون ڪاٺيون سڙي پائوڊر ٺاهي ڪوڙي
تيل ۾ وجهو ۽ ڏندن کي هڻو ته ڏند صاف رهندا ۽ ڏندن ۾
ڪوئي ڪيڙو نه رهندو.

(٤) نم جا پن ڇانوَ ۾ سڪائي، ڪٽي ڇاڻي، ان مان ٿوري
چپٽي ننهن سوسڙي پاڻيءَ سان صبح شام وٺڻ سان ڪهڙي
به قسم جي مليريا جو بخار پر ڪري اُڏامي ويندو.

(٥) نم جا ڇوڏا ڪاڙهي پيئڻ سان دستن کي ٻنجو اچي ويندو
۽ ڪهڙو به جهونو بخار نه رهندو.

(٦) نم جا پن ڪاڙهي، سوڄ ۽ سور واري هنڌ ٻڌڻ سان، سوڄ ۽
سور دور ٿي ويندو.

(٧) نم جا پن ڪاڙهي ان پاڻيءَ سان ڦٽ ڦرڙيون ڌوئڻ سان
اهي ڇٽي ويندا.

(٨) نم جي پنن جي لپري رڌي ٻڌڻ سان گنديون ڦرڙيون ب
ناس ٿي وينديون.

(٩) نمورين جو تيل مکڻ سان خارش، چاپاڪو ۽ چمڙيءَ جي
جلن دور ٿئي ٿي.

(١٠) نمورين جو تيل مٿي جي وارن کي مکڻ سان جوون ۽ ليکون
ناس ٿين ٿيون.

(١١) نم جي وڻ هيٺان ڪافي وقت رهڻ، نم جي ڪاٺين کي
سيڪيل روٽي کائڻ ۽ نيراني نم جا نرم ڪچڙا ساوا پن

قبضيءَ جي بيماريءَ کان ڇٽڪارو پائي سگھجي ٿو. ائين ڪرڻ سان رت صاف رهندو ۽ ٿولهه به گھٽ رهندي.

) وات ۾ ليمي جي رس وجهي ڪجهه منٽ آگر سان ڏندن ۽ مُهارن کي مهٽڻ سان ڏندن ۽ مُهارن جون بيماريون ناس ٿين ٿيون ۽ ڏند مظبوط پڻ ٿين ٿا.

) ڪاڪڙي جي تڪليف هجي ته گرم پاڻيءَ ۾ ليمون ڪٽي يا ليمي جي رس ملائڻ سان پاڻيءَ جون گرڙيون ڪريو ته گھگھو آواز به ٺهي پوندو ۽ گلو صاف رهندو.

) ٽاهري، منو پت يا ڪيرٽي جهڙين منين شين کائڻ سان ڏاٺ ۾ سور ٿي پوندو آهي، انڪري اهڙين شين کي رڌڻ وقت سچا ڪارا مرچ وجهڻ گهرجن.

) سور لاءِ - گوڏي ۾ سور، آڱرين ۾ سور هئڻ جي حالت ۾ ڪوڙي تيل ۾ ڪافور هٿ سان پوري پائوڊر ڪري چڱيءَ طرح مِڪس ٿيل تيل سور واري هنڌ چڱيءَ طرح مهٽڻ سان ۽ اهو هنڌ ڍڪي سُمهڻ سان صبح تائين اَڌ سوُر ته لهي ويندو.

[ه]يميوپيٿيءَ ۾ ٻارهن دوائن جا نالا ياد رکڻ جهڙا [آ]هن. هنن دوائن سان پنهنجي صحت قائم رکي [س]گھجي ٿي.

) ڪئليڪيريا فلوريڪو (Calcaree Flurico)

هيءَ دوا هڏن جي بيمارني لاءِ سٺي آهي.

) ڪئلشم سلفيٽ (Calcium Sulphate)

هيءَ دوا هاضمي کي سٺو رکندڙ آهي. هيءَ دوا وٺڻ سان

ڪجھ قدرتي علاج

قدرتي علاج سکڻ ۽ سمجھڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ سان
توهان پنهنجا ڊاڪٽر پاڻ ٿي سگهو ٿا. گهر ۾ هڪ ياتيءَ کي
قدرتي علاج جو گيان هئڻ سان سڄي گهر کي وڏو فائدو پهچي
سگهي ٿو. هنن نسخن کي پڻ آزمايو :

(١) نيراني صبح جو اُٿڻ سان چار گلاس پاڻي تازو-شڌ پاڻي
پيئڻ سان گهڻيئي بيماريون بنا دوا جي ٺيڪ ٿي وڃن
ٿيون.

خاص ڪري پيٽ جي خرابيءَ لاءِ هي هڪ سرل ۽ بنا خرچ
جي اَڪثير اُپاءُ آهي. نيراني پاڻي پيئڻ واري کي
ڊائبيٽيز نہ ٿيندي، ڪڏهن بلڊ پريشر جي تڪليف نہ
ٿيندي.

(٢) کاڌي کائڻ بعد ٿوري گرم پاڻيءَ ۾ ليمون وجهي پيئڻ سان
گلو صاف ٿي ويندو ۽ پيٽ جي ڪابہ گڙٻڙ محسوس نہ
ٿيندي.

(٣) ڪچي ٿوم کائڻ تمام فائدي واري آهي. شروعات ۾ هڪ
ڳري نيراني کائجي، پوءِ ٿورن ڏينهن کانپوءِ ٻہ ڳريون
وري ٿورن ڏينهن کانپوءِ ٽي ڳريون ٿوم جون ڪچيون کائي
سگهجن ٿيون. ائين ڪرڻ سان گهڻيئي بيماريون ڇٽي
وينديون. جي نيراني نہ کائجن تہ مانيءَ سان کائجي،
هيءُ علاج ١٥ ڏينهن ڪجي ۽ پوءِ ١٥ ڏينهن ٿوم
واپرائجي. اُلٽيون يا دست هئڻ جي حالت ۾ ڪجھ
ڏينهن ٿوم نہ واپرائجي.

(٤) قبضيءَ کان ڇٽڻ لاءِ رات جو سمهڻ وقت ۽ صبح جو اُٿڻ
وقت رواجي گرم پاڻيءَ ۾ ليمون وجهي پيئڻ سان دائم

سليشا (Silicea)

هيءَ دوا موڪن جي تڪليف واري مريض کي لاڀ
ڏئي ٿي.

نئٽريم فاس (Natrum Phos)

پيٽ ۾ ڪيئان هئڻ جي حالت ۾ هيءَ دوا وٺڻ سان پيٽ
جيئان ناس ٿي ويندا.

نئٽريم سلف (Natrum Sulph)

هيءَ دوا جگر کي مظبوط رکي ٿي.

ڪئلشم فاسفيٽ (Calcium Phosphate)

هيءَ دوا طاقت بخش آهي ۽ هڏن جي تنتن کي شڪتي
ڏئي آهي. هيءَ هڏن جوڙڻ ۾ مُفيد آهي.

***

پٿريءَ جي بيماري نہ ٿيندي آهي.

(٣) ڪالي فاس (Kaliphos)

هيءَ دوا مغز لاءِ طاقت بخش ثابت ٿي آهي. دماغي ڪمزوري، ويسر ۽ ننڊ نہ اچڻ جي حالت ۾ ۽ اکين جي روشني قائم رکڻ ۾ سٺي آهي.

(٤) فيرم فاسفوريم (Ferrum Phos)

هيءَ دوا مٿي ۾ سور، ڪنگهہ، زڪام ۽ هر قسم جي بخار هٽائڻ ۾ اُپيوگي آهي.

(٥) ڪالي سلف (Kali Sulph)

رات جي ڪنگهہ ستائيندي هجي يا سنڌن جي سور جي تڪليف هجي تہ هيءَ دوا وٺڻ سان لاڀ ٿئي ٿو.

(٦) ڪالي ميور (Kali Mur)

هيءَ دوا جهوني زڪام ۽ قبضيءَ کي هٽائڻ ۾ لاڀدايڪ ثابت ٿي آهي.

(٧) مئگنيشافاس (Mag. Phos)

هيءَ دوا هر قسم جي سُور هٽائڻ ۾، خاص ڪري، سنڌن جي سور کي دور ڪرڻ ۾ اُپيوگي آهي.

(٨) نئٽريم ميور (Natrum Mur)

هيءُ ساڌارڻ لوڻ (Common Salt) آهي. هيءَ دوا مٿي جي سور، ڏاڙ جي سور ۽ هوا جي نليءَ ۾ تڪليف هئڻ جي حالت ۾ ڪم آڻي سگهجي ٿي، پر رت جي داٻ واري مريض کي نہ واپرائڻ گهرجي.

گيت-٢

(١) چئہ يلا ڪير آ، جو توکي نتو چاهي،
ڪير آ جڳہ ۾ اهڙو، توکي نتو پائي.

(٢) رنل جي رهين، تہ سڀ تين پريشان،
چاهين سڀ ٿا، تون رهہ سدا مهربان.

(٣) تنهنجي اَچڻ سان، عجيب نکار ٿو اَچي،
تنهنجي رسڻ سان، دل باغ بهار ٿي رهي.

(٤) تون دلين کي آنند، سچو ٿي بخشين،
سڀ جي دلين کي تون صحيح ٿي پرکين.

(٥) تنهنجي مهر سان، سڀ هنڌ پيار آ،
تنهنجي هئڻ سان، دلين کي قرار آ.

(٦) واعدي جي تہ، تون آهين پڪي،
تنهنجي هر پراڻيءَ سان پريت سچي.

(٧) تو بنا جڳہ ۾، جالي نہ سگهندو ڪو،
تو ڪانسواءِ سُکہ، پائي نہ سگهندو ڪو.

(٨) تون آهين سيني جي، دلين جو آڌار،
جل ٿل واسين جي، آهين تون آڌار.

(٩) ڪير آ سڀ جي، دلين جي اَهڙي راڻي،
ڪيئن وساري سگهندا يلا برکا راڻي.

(١٠) جي نہ مهر ڪن، ميگهہ ملهار،
ڪنهن نہ ڪم جو رهي سنسار.

***

سيڪشن - ٢

گيت - ١

(١) مرڪ ڏسي تنهنجي لبن تي،
مان بہ مسڪرائيندس يار.
ڏسان جي آشڪ تنهنجي اکين ۾،
مان بہ آشڪ ڳاريندس يار.

(٢) تنهنجي مرڪ مرڪ ناهي،
پيار هن ۾ سمايل آ.
دل جي ڳالهہ سمجهي مرڪ ۾،
مان بہ مسڪرائيندس يار.

(٣) تنهنجو درد منهنجو درد آ،
تنهنجي خوشي سا منهنجي خوشي.
ڪري احساس دڪہ جو 'پريمي'
مان بہ روئي ڏيندس يار.

(۴) مرڪ جي ريکا تي دکہ ڇپائي،
۽ دکہ ونڊي تي اها اشڪ وهائي.
ڏني جي منڙي مشڪ تنهنجي،
مان بہ راز دل سليندس يار.

(۵) پيار آڏورو رهجي ويندو،
جي نہ سمجهان تنهنجو پار.
منهنجو وجود تو بن ڪهڙو،
ڪهڙو جس پائيندس يار.
مرڪ ڏسي تنهنجي لبن تي،
مان بہ مسڪرائيندس يار.

***

گيت-۴

(۱) سويل ڪان ٽي، ساجن جي راهه نهاريان.
ساجن سواءِ رات مٽي، ڪيئن ڀائنيا.

(۲) گهڻن ڏينهن بعد، ساجن گهر ۾ آيو،
بن ساجن مون، ڏکيو وقت گذاريو.

(۳) ڪنداسين ڳالهيون جي ڀري ڀري،
هاڻ ساجن نہ ٽيندو سُڪي پل بہ پري.

(۴) ساجن جو مليو آ، مونکي سچو پيار،
هوُ ئي آهي، منهنجي جيون جو آڌار.

(۵) پلڪن ۾ رهي، اچي سامهون نہ پيو ڪو،
جڳہ ۾ منهنجي ساجن جهڙو نہ پيو ڪو.

***

گيت-۳

(۱) تيلگيءَ لڳايو آ سڀ کي تيل،
هيءَ حڪومت ڇڏبي يا ڪو کيل.
پئسو آخر لُٽجي تو ڪنهنجو؟
ڪيسين تائين ٿيندو رهندو ويلُ؟

(۲) گهوٽالن مٿان پڌجي نئون گهوٽالو،
کهڙو ڏيون سرڪار کي نالو؟
گونگي جنتا تماشو ڏسي ويٺي،
اهڙي حڪومت کي ڪڏهن لڳندو تالو؟

(۳) داد فرياد ڪرڻ وارو ڪوئي ناهي،
ڪوئي ڪنهنکي ڪجهه چوڻ وارو ناهي.
جي سچ-ڪوڙ جو ڪري ڪو پردو فاش،
مصيبتن جو پهاڙ تنهنجي مٿان آهي.

(۴) نيتا ووٽ وٺڻ وقت ڪن واعدا،
چونڊجڻ بعد وٺن پنهنجا فائدا.
لُچن لفنگن جو رهيو راڄ آ،
ڪيئين هلندا هت سچا قاعدا؟

(۵) ڪامي ڪروڙي لوپي ماڻن پيا مزا،
سادن سودن لاءِ آهن ڏچا ئي ڏچا.
ڪڏهن اهڙي حڪومت ۾ ايندو ڦيرو؟
ظلم جو ٿئي اَنت ۽ ظالم کي ملي سزا.

***

گيت-٦

(١) دل جو راز ٻڌائڻ چاهيان ٿو،
مگر همراز تہ ڪو ملي.
(٢) دل ڏيڻ چاهيان ٿو،
مگر خريدار تہ ڪو ملي.
(٣) راهہ وٺڻ چاهيان ٿو،
مگر رهبر تہ ڪو ملي.
(۴) سونهن پسڻ چاهيان ٿو،
مگر سونهارو تہ ڪو ملي.
(۵) غم ونڊڻ چاهيان ٿو،
مگر غم غسار تہ ڪو ملي.
(٦) علم وٺڻ چاهيان ٿو،
مگر سچو علمدان تہ ڪو ملي.
(٧) گمراهہ کي سمجهائڻ چاهيان ٿو،
مگر سمجهڻ وارو تہ ڪو ملي.
(٨) پريم وٺڻ چاهيان ٿو،
مگر 'پريمي' تہ ڪو ملي.

***

گيت-۵

(۱) سُکہ ۾ ساٿي هرڪو آ،
ڏُکہ ۾ ڪوئي ڪنهنجو ناهي.

(۲) مشڪل سان کو دکہ سمجهي ٿو،
شيوا ڪان پنهنجو بہ پيرمي ٿو.

(۳) غريب ويچارو مشڪل ۾ آهي،
دين دکين جو هٿ ڪوئي ناهي.

(۴) گيان ڏيڻ اچ وڏي ٿو گهٽن کي،
پر عمل ڪرڻ لاءِ چئہ تہ ڪنهنکي!

(۵) ورلي ملي ٿو کو دانش داني،
نادان تہ ڪري پيو ناداني.

(٦) سمجهي هرهڪ ٿو آهيان راهي،
تہ بہ ٻڌجي نٿو ڪو ڪنهنجو واهي.

(۷) 'پريمي' جيڪو ڪنهنجو درد ونڊي،
اهڙو ئي پيچ جي ٿو ڳنڍ ٻڌي.

***

گيت-٨

(١) مان چاهيان هنکي، هوءَ چاهي مونکي،
مان نهاريان هنکي، هوءَ نهاري مونکي.

(٢) هوءَ مٿي تي نت نوان ويس وڳا،
سندس زلفن جون دلڪش آهن چڳان.

(٣) هنجي اکين ۾ آهي عجيب جادو،
ڪري رکيو اٿائين هي منڙو قابو.

(۴) نيڻ نشيلا ۽ لب آهن شرابي،
ڪٿي شل نہ ٿي ڪا دل ۾ خرابي.

(۵) جڏهن بہ ديدار ٿئي ٿو هنجو،
خيال رهي نٿو بي ڪنهنجو.

(٦) حسن جي هوءَ آهي ڪا پري،
جنهن تي دل ٿي آ هيءَ چري.

***

گيت-٧

(١) ڪيئن چوان هن انجمن ۾،
چوڻ جي اجازت اڃا ملي نہ آ.
ڪيئن سونهان توهانجي قدمن ۾،
اڃا تہ لائقي سمجهي نہ آ.

(٢) اهڙو جهڙو شاعر آهيان،
گنگنائي پيو دکڙو لاهيان.
ڪيئن ڳايان توهانجي محفل ۾،
اڃا تہ لائقي سمجهي نہ آ.

(٣) آهيان آءُ هڪ جذباتي شاعر،
آهي بس توهانجو ئي سهارو.
ڪيئن جوڙيان جاءِ توهانجي دلين ۾،
اڃا تہ لائقي سمجهي نہ آ.

(٤) منڙيون منڙيون توهانجون ڳالهيون،
ٻڌي ٻڌائي دل ٺاريان اوهانجون.
ڪيئن رهان توهانجي انجمن ۾،
اڃا تہ لائقي سمجهي نہ آ.

(٥) توهانجي صحبت جو ديوانو،
توهانجي محبت جو پروانو.
ڪيئن 'پريمي' رهان قدمن ۾،
اڃا تہ لائقي سمجهي نہ آ.

***

گيت

ملڻ سڪ سان جدائي جو آڌار آ،
دل ڏي دل وٽ، اِهو ئي سچو واپار آ.

پيار واري ڪي سچي سڪ جو آڌار آ،
سواءِ پيار جي پلا ڪهڙو قرار آ؟

رکي دل ۾ تو جو غير انکي ڏڪار آ،
قرب وارن لاءِ منهنجي جان نثار آ.

ڏي سڪ جو پيالو ’پريمي‘ پري پري،
تنهن ڪان منهنجي دل ڪيئن رهندي پري.

ڌن دولت سان آ ڪوڙو ناتو،
اڄ جي مون وٽ آ سيان پي ڪنهن پاتو.

چا نندو چا وڏو ’پريميءَ‘ ڪي سڀ لاءِ آهي پيار،
اچي جو سڪ سان ’پريمي‘ ملڻ لاءِ آهي تيار.

هرهڪ جي زندگي آهي هڪ انوکو باب،
سدا لاءِ تہ ڪنهنجو نہ رهيو آ شباب.

***

گيت-٩

(١) ساجن تو لاءِ سوير ڪان،
پاڻ سجائي ويٺي آهيان.

(٢) سهڻا تو لاءِ صبر سان،
منڙو ماري ويٺي آهيان.

(٣) دلبر تو لاءِ چاهت گهڻي،
پاڻ وساري ويٺي آهيان.

(۴) منڙا تو لاءِ محبت گهڻي،
لوڪ ڀلائي ويٺي ويٺي آهيان.

(۵) مالڪ تو سواءِ نه سڪ ڪائي،
پياس ٻجهائي ويٺي آهيان.

(٦) درشن لاءِ آ دلڙي ماندي،
اکيون پائي ويٺي آهيان.

(٧) تو سواءِ ٻيو ڏسي نه ڪوئي،
پاڻ لڪائي ويٺي آهيان.

(٨) دير نه ڪر درشن لاءِ 'پريمي'،
دل تو سان لڳائي ويٺي آهيان.

***

گيت

آخر تون ڇا آهين؟

سوچ او بندا سوچ، آخر تون ڇا آهين؟
مالڪ ڪئي آ مهر توتي،
ڇا تو پائين؟ ڇا تو وڃائين؟
سوچ او بندا آخر تون .....

زندگيءَ جو سفر آ ڪيترو،
اهو بہ تون نٿو ڄاڻين،
ڪنهنکي تو ناهين، ڪنهنکي ڏاهين،
مهاڄار ۾ خود قاتل آهين،
سوچ او بندا آخر تون .....

پائڻ لائق چيز سا نہ پائين،
ڇو تو پنهنجو جيون وڃائين؟
آس ۽ پياس پوري ٿيڻي ناهي،
پرماتما کي ڇو تو وسارين؟
سوچ او بندا سوچ آخر تون ....

ڇڏي سچ کي تو ڪوڙ ڪمائين،
ڇو پنهنجو تو پاڻ لڄائين؟
من مندر ۾ جي شيام وسائين،
”پريمي“ اَندر جو آنند پائين،
سوچ او بندا سوچ آخر تون ....

***

گيت

پسندي پنهنجي پنهنجي آ،
مان هنجو هوءَ منهنجي آ.

١- پسندي آهي پنهنجي پنهنجي،
ڪي چون ٿا ڇڏ پڇر هنجي.

٢- زمانو بدليو آ، بدلجي ڏيکار،
ڪر دل ۾ تون ڪو ويچار.

٣- ڇڏي راهه ٻين جي نه ٿيءُ ڏار،
سمجهندين پاڻ کي تون لاچار.

٤- پنهنجا ٿي سندس نه خيال ڏارين،
نٿا اُهي پنهنجو پاڻ سُڄاڻن.

٥- پنهنجي ڇڏي ٿا ڏاري اَپنائين،
گهٽتائي پنهنجي ٿا ڏيکارين.

٦- هوءَ سياءَ جي آهي ٻولي ڀالي،
سنٻنڌ هن سان، جهڙو دامن چولي.

٧- چوان سچ تو ڳالهه بلڪل سولي،
زبان مني آ، منهنجي سنڌي ٻولي.

***

With Best Compliments from :

Ramesh Murlidhar Ahuja

रिश्ते न आसानी से बनते हैं,
न आसानी से टूटते हैं ।
ऐसा ही रिश्ता निभाने वालों में
श्री रमेश मुरलीधर आहूजा
एक अनोखी शखसियत हैं ।



سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي سڀيتا لاءِ توهانجي اَندر ۾ جا
جذبات آهي، سا سدائين قائم دائم رهندي ۽ سنڌيت
جي شيدائين کي پريرڻا ڏيندي رهندي !

گيت

مان چاهيان توکي، تون نہ چاهين،
اِهو تہ واجب نہ آ.

مان نهاريان تو ڏي، تون نہ نهارين،
اِهو تہ واجب نہ آ.

مان سمجهي پنهنجو توکي پُڪاريان،
تون پُڏو اَٽڪڏو ڪرين، اِهو تہ واجب نہ آ.

مان راتيون گذاريان ساري ور ور توکي،
تون ڪڏهن نہ سارين، اِهو تہ واجب نہ آ.

تنهنجي راهہ مان پل پل پيو تڪيان،
تون نہ ڪڏهن نظر گهمائين، اِهو تہ واجب نہ آ.

مان تنهنجي بي رُخي رُخ ۾ آڻڻ چاهيان،
تون رهين خفي خفي، اهو تہ واجب نہ آ.

مان تنهنجيءَ هر اَدا تي پاڻ تڙقايان،
تون کو ترس نہ کائين، اِهو تہ واجب نہ آ.

***

راڌا سوامي

مانو سيوا ماڌو سيوا



سنڌي ليکڪن جي قلم جو شل وڌي مان


ٿيون شيدائي سنڌيت جا ۽ ٻوليءَ جا قدردان



لوڪ سيوا

سچي سيوا

جتن ڪڪڙيجا



اَڇو ته حال سنڌونگر جو سُڻايان

(۱) حال هيٺو ڇو سنڌونگر جو آهي؟
ڪير به هن ڪنهنکي ڇوڻ وارو ناهي.

(۲) هرهڪ هٿ آ ڇو پنهنجيءَ ۾ پورو؟
ٻڌائڻ ڪنن آ سڀ جو حال سمورو.

(۳) ڪي آهن موج مستيءَ ۾ پورا،
ڪي آهن اَنگ-پيٽ کان اَڌورا.

(۴) ڪي محنت ڪري مشڪل ٿا پيٽ پالن،
ڪي محتاجن جو ويهي فائدو ڪائن.

(۵) سرڪاري دفترن جو حال ٻڌايان ڪهڙو؟
سرڪاري ملازم ڪم ڪن ٿا جهڙو تهڙو.

(٦) پئسي وارا عملدارن کي خوب ورسائن،
ڏيئي ڏهه فائدو سوَن ۾ ٿا ڪائن.

(۷) عملدار غريب لاچارن کي پيا ٿابا ڪارائن،
غلطي ڪن مزازم آفيسر ڦيرا پارائن.

(۸) ”ڏنو پٽ چٽي جو“ مالدار ڪم ڪيدائن،
دشت دلال غريبن کي وڪڙ ۾ ڦاسائن.

نہ وسار

واچيندي ورهيہ ٿيا ڪيئي پستڪ پراڻ،
ڪنهن سمجهيو آ، ڪير سمجهندو سنسار.

اَگر سمجهڻ ٿا چاهيو سار سنسار جو،
ياد رکو لفظ فقط هي دل سان چار.
رام، لڪشمڻ، جانڪي ۽ جڳت جو جيو.

رام عيوضي سچي ڌرم جو آ پيارا،
لڪشمڻ سچي ڪرم جو ٿئي آڌار.

جانڪي پرتيڪ آ سچي مرم نار جو،
جيو پرتيڪ آ اَگيان-ڀرم جو.

”پريمي“ جيو تہ باقي ڀٽڪڻو آ بار بار،
جي ٿيڻ ٿو چاهين سکي تہ رام نہ وسار.

***

(٩) چوي اَگر ڪوئي سچ سينو تاڻي،
اهڙو سچيار ئي ڦاسائي وجهن گهاٽي.

(١٠) ايماندار تي سياسي نيتائن جا چمچا چڙن ٿا،
وڃ وارا هر ڳالهه لاءِ پئسا ئي گهرن ٿا.

(١١) صفائي رستن جي آ هت جهڙي تهڙي،
پر عملدارن کي اي.سي. روُمن ۾ ننڊ گهري.

(١٢) پاڻي ملي نہ ملي بل پاڻيءَ جا ڀرڻا پون ٿا،
جي گهراءِ ٽئنڪر ان لاءِ الڳہ پئسا ڏيڻا پون ٿا.

(١٣) لائيٽ جي نافت ۾ ٻيو ڪي ڪن لائيٽ جي چوري،
حصو-پتي ڀرڻو پوي ٿو سڀ کي ضروري.

(١٤) ڪيسين هلندو ”انڌير نگري چوپٽ راجا“،
ڪيسين ٻڌون بيڪار جا هيءُ بگل ۽ باجا؟

(١٥) حال هيڻو آ هت اڄ ڏنڏن جو،
ڪير بہ تہ نہ آهي ڪنهنجو.

(١٦) ڪن ڇڏيو آ شهر ڪن کي لاچار لڏڻو پوندو،
ڪيسين هت آسانکي بيگانو رهڻو پوندو؟

(١٧) اُٿو آلس جي اوڙاهہ مان، تيو سنڌي سڄاڳہ،
’پريمي‘ چو ٿا پٽيو فقط پنهنجو ڀاڳہ؟

***

آتنڪواد

١- هرهنڌ هر ڳالهہ تي چڙي تو واد وواد،
سڀ ڪان موتمار چڙيو آهي آتنڪواد.
سماجواد جو اڄ بہ حال هيٺو رهيو جڳت ۾،
سسڪيون ڀري ڪنڌ ۾ روئي تو ڳانڌيواد.
هرهنڌ هر ڳالهہ تي چڙي تو واد وواد.

٢- ڪلي عام موتمار بم ڦاٽن بازارين ۾،
پاٽيءَ جيان رت وهي تو گهٽين نالين ۾!
ڪيئي معصوم ۽ نر-ناريون پيا ڪُسجن،
ڏسجي ٿي هولي خون جي مندرن ۾!
هرهنڌ هر ڳالهہ تي چڙي تو واد وواد.

٣- سلامتي رهي نہ آ سِرَ جي ڪنهنجي جت،
سؤدو جان جو ٿئي رڍن ٻڪرن جيان هِت!
ڪڏهن اِنسان ۾ ايندي اِنسانيت پريوُ؟
پاپين جي وناش لاءِ وٺ اَوتار پريوُ هِت.
ڪر چمتڪار مالڪ، جيئن مٽجي آتنڪواد.

***

کير ٿو خبر رکي؟

١- مرض کان مريض ٿو لاچار رهي،
ڪاش نہ ڪوئي بيمار رهي.

٢- جڏهن ڊاڪٽر جي ڪوئي پڙ پوي،
هلي تيئن جيئن هاڻ ڊاڪٽر چوي.

٣- مريض جي ڪيتري آ ڪمائي،
يا هو ڪيئن ٿو ڪمائي،
تنهن جي نہ ڊاڪٽر کي ڪائي خبر.

٤- مريض پل رهي دکي،
ڊاڪٽر رهڻ چاهي سکي.
ڪمائي گهٽ ۽ خرچ وڌ،
ڏسي بِل مريض کي لڳي تڏ.

٥- ڊاڪٽر جو بل ڳاڻي پئو،
ڪري مريض چنتا، ڇو روڳ لڳو؟
چنتائن آهڙين ۾ چور،
پر ڊاڪٽر کي کپن پئسا ڀرپور.

***

غزل-٢

دنيا وارن کي سمجهايان ٿو،
گهر وارن کي سمجهايان ٿو.

١- غريبن کي ستائي جي کٽن رنج،
اُهڙن ظالمن کي سمجهايان ٿو.

٢- وڙهن ٿا جي شيطان پاڻ ۾،
تن شيطانن کي سمجهايان ٿو.

٣- ڪري فئشن نڪرن ٿا جي ناز سان،
فئشن پرستن کي سمجهايان ٿو.

٤- پڙهائيءَ ۾ جي ڪن ٿا گستاخي،
گمراهه وديارٿين کي سمجهايان ٿو.

٥- اَڻ ڳڻيا خرچ ڪري پوءِ ٿا پڇتائن،
ڏيکاءَ وارن کي سمجهايان ٿو.

٦- ڪري عشق اَنڌو، روئن ٿا جي،
اَنڌن عاشقن کي سمجهايان ٿو.

٧- سمجهائڻ سڀ کي ڪيترو آ سرل،
"پريمي" ڇا پاڻ کي سمجهايان ٿو؟

***

غزل-۱

۱- ڪنهنکي بہ ليلائڻ نہ وڻندو آ،
ڏيکار اکہ جي تہ ڪم نہ ٿيندو آ.

۲- دشمن سان بہ اَڄ دشمن نہ ٿي،
دوست ٿي ئي ملڻو پوندو آ.

۳- ڏيکاري پنهنجو بہ ٿو عجيب رنگ،
سندس تماشو بہ ڏسڻو پوندو آ.

۴- ’لوڪ ٻوڪ آ‘ سبب نہ چاهيندي بہ،
رقيب کي رفيق بہ چوڻو پوندو آ.

۵- ڪٿي ڪٿي حالت بڻجي ٿي اهڙي،
پنهنکي پرائو بہ چوڻو پوندو آ.

۶- ”پريمي“ چا حال چوان دنيا جو،
ڪنهنجي پاڇي کان بہ ڏڪڻو پوندو آ.

***

غزل-۴

غضب جا هيئن ڪڙ موڙين ٿي،
زُلفن کي هيئن ڇو کولين ٿي؟

١- اَدائن تنهنجن تان آهيان فِدا،
ديوانن جي دلين کي ڇو رولين ٿي؟

٢- تنهنجو خمار پريو آهي شباب،
بنا پيئڻ شراب ۾ ڇو ٻوڙين ٿي؟

٣- تنهنجي اکين ۾ ڪو جادو آ،
اکين ئي اکين ۾ ڇو تورين ٿي؟

٤- ڪر نہ هيئن منهنجيءَ دل کي برباد،
مون سان منا ٻول ڇو نہ ٻولين ٿي؟

٥- چاهت ۾ چريو ٿيو ”پريمي“ توتي،
جيءَ ۾ جاءِ ڇو نہ جوڙين ٿي؟

***

غزل-٣

تو مونکي اَنجمن ۾ گهرايو ڇو؟
رفيق جاٽي مون قدم وڏايو ڇو؟

١- اَلا خبر ڪهڙي مونکي تہ منهنجي،
رکيب کي بہ تو ڪوٺايو هو.

٢- سمجهو توکي مون، پنهنجو ئي ٿي،
هن توکي ائين پلا نهاريو ڇو؟

٣- پري پري پيالو گهٽي چاهہ سان،
هن ڏانهن توئي ٿي وڏايو ڇو؟

٤- ٿهڪ تنهنجا ۽ نظرون هن جون،
ائين جگر منهنجو تو جلايو ڇو؟

٥- ڪيو ”پريميءَ“ هو تنهنجو اَعتبار،
ڏيئي پيار اَهڙو پنهنجو ٻڌايو ڇو؟

***

غزل-٦

جڳ ۾ آيو آهيان، جيئڻو پوندو،
دک سک جو سنگم، ڏسڻو پوندو.

١- ڪلڻ روئڻ جو هي تماشو،
هر ڪنهن کي هِت ڪرڻو پوندو.

٢- سدائين رهيو نہ آ هِت ڪوئي،
نيٺ سفر پورو، ڪرڻو پوندو.

٣- ڪيو ڪرم جي آهي بُرائيءَ جو،
نتيجو اُن جو مونکي ئي ڀوڳڻو پوندو.

٤- ڏنو ڏک اَگر آهي مان ڪنهنکي،
دک مونکي ئي هت ڀوڳڻو پوندو.

٥- ورتو جي آهي قرض مان ڪنهن کان،
قرض مونکي ئي سو لاهڻو پوندو.

٦- ڪئي سنگت آهي مون جي سُهڻن جي،
"پريمي" رنگ ان ۾ رنڱڻو پوندو.

***

غزل-٥

تنهنجي جدائي مان جالي نٿو سگهان،
درد دل جو ڪنهنکي ٻڌائي نٿو سگهان.

١- رهان ويٺاٺو تو بن مان سارو ڏينهن،
راتيون اونداهي، اَڪيلو گذاري نٿو سگهان.

٢- وصال تنهنجي ۾ جو ماڻيا تو لطف،
ڪنهنکي داستان بہ سڻائي نٿو سگهان.

٣- تون آهين منهنجي پياري من ٺار،
ٻئي سان سُڪ تہ وندي ورهائي نٿو سگهان.

٤- اَندر ۾ آهي جا پياس، تو سان ملڻ جي،
اِها تہ لڪائڻ سان بہ لڪائي نٿو سگهان.

٥- "پريمي" تو بن آخر ترّقي ڪيترو،
ترّق اَهڙي ڪنهنکي سمجهائي نٿو سگهان.

***

غزل-٨

کھڙي خطا تو ڪئي آهي بندا،
ڪڏهن ڇڏيندين ڪوڙا ڏندا؟

١- چون ٿا اِنسان آ خطا جو گهر،
سچو آهي بس مالڪ جو گهر.

٢- جي غلطي ٿي آ اَڻڄاڻائيءَ ۾،
پوءِ مالڪ ڇو ڪندو توتي قهر؟

٣- من ۾ رکہ نہ تون ڪنهن لاءِ پيد،
سائين سڀاجهو ڪندو توتي مهر.

٤- يار پرينءَ جو جي تو آ پاتو،
پيار جي هو رکندو توتي نظر.

٥- هل سڀ سان ”پريمي“ سنو ۽ منو،
خدا تو سان آهي اَٺ ئي پهر.

***

غزل-٧

پير پير سان ملائي، قدم اَڳتي وڌائين ٿي،
جهيڻي آواز ۾ ڪجهه نه ڪنگنائين ٿي.

١- ڏسان اَچانڪ جي توکي، ڪرين دل تي ٿي جادو،
شرم کان پلڪون پنهنجون ڇو جهڪائين ٿي؟

٢- ڇٽي ’اَلا‘ دل تي ڳويا، تير تکو هلايو تو،
نظرون جهڪائي لڪي لڪي، ڀلا ڇو نهارين ٿي؟

٣- وري وري ڏسندو ئي رهان مان توکي،
چال مستانيءَ سان ڇو ريجهائين ٿي؟

٤- زماني کان ڊڄندي به، او منهنجي مني،
ديدار منهنجي لاءِ، ڇا تون نه واجهائين ٿي؟

٥- اَدائن پنهنجي سان، ڪيو تو آ چٽ چريو،
”پريميءَ“ جي دل کي، ڇو ايترو للچائين ٿي؟

***

غزل-١٠

تو آ منهجي دل جو چين کسيو،
ڇو ڀلا من ۾ اَٿيئي وير رکيو؟

١- ڇا تہ وصال جو ماٺيوسين مزو،
پر هاڻ تو دل ۾ آ درد پريو.

٢- وساري ڇڏيون تو اُهي راتيون،
جن جو تو ۽ مون هو مزو چکيو.

٣- مان تڙڦان ٿو تو بن سڄني،
گذري رات جو ٿو پهر ڏکيو.

٤- پياري تون پنهنجي گهر آهين،
منهنجو جسم آ تو سواء بکيو.

٥- "پريمي"-پريتما شل سدا ڻِڙن،
ڇو اَسانکي ٿي آ ياڳہ ڪُکيو؟

***

غزل-٩

ڪڏهن چنڊ جيان چمڪين ٿي،
ڪڏهن بادل جيان برسين ٿي.

١- پرڀات جي پهرين ڪِرڻ جيان،
تون دلڪش تازگي بخشين ٿي.

٢- تنهنجو جوڀن جواني آ لاجواب،
گلابي گل جيان مهڪين ٿي.

٣- ڪرين نہ جڏهن منهنجو ديدار،
ڇا تون بہ بيتاب ٿين ٿي؟

٤- تنهائيءَ ۾ جڏهن ٿي رهين،
ڇا تون سرد آهون ڀرين ٿي؟

٥- ڪيترو بہ ڏسان توکي "پريمي"،
اَلائي ڇو ايترو وڻين ٿي؟

***

غزل-١٢

پڌ منهنجا جيون ساٿي،
لاچار ڇوڙتو تو پوي.
تون رهين پرديس ۾،
اَڪيلو گذارڻو تو پوي.

١- حال منهنجو آ کهڙو،
نيڻ بڌائڻو تو پوي.

٢- لڳ ئ نہ ڪو سُڌ سمائُ،
بيوس رهڻو تو پوي.

٣- چا چوان ڪيئن چوان،
چپ چاپ سهڻو تو پوي.

٤- ڏني آ دل توکي،
ظالم پڇتائڻو تو پوي.

٥- رات تنها ۽ ياد تنهنجي،
پاڻ جلائڻو تو پوي.

٦- ايتري لنبي جدائي،
”پريمي“ پاڻ مارڻو تو پوي.

***

غزل-١١

اکيون حسن جون بکيون آهن،
منزل پائڻ جون ڏکيون آهن.

١- جي هي پرچن تيون پاڻ ۾،
سچن پريمين جون سکيون آهن.

٢- جي ملن تيون دلبر ساجن سان،
تہ اِظهار عشق جون پکيون آهن.

٣- رهن نہ نظرون ڪڏهن ضابطي ۾،
عجيب عاشقن جون چٽيون آهن.

٤- ڪن پيون محبوب سان آنکہ مچولي،
هي پيد کولڻ جون ڪچيون آهن.

٥- ”پريميءَ“ جون ڇا ٻڌنديون اکڙيون،
تنهنجي پيار ۾ گهڻو لُچيون آهن.

***

غزل-١٤

ملي تو سان نظر دل ٺري پئي،
سفر پورو ٿيو نہ ڪا خبر رهي.

١- محبت جون گهڙيون سهانيون،
ملاقات اَسانجي چپ چاپ رهي.

٢- تو چيو هو مان مليس تو سان،
چا چيڙ چاڙجي تو نہ پهل ڪئي؟

٣- ڪري واعدا، وري جي نہ تون اچين،
مون لاءِ هر پل، گذري قهر پري.

٤- تنهنجي نخرن مونکي موهيو،
گذرندي نہ هاڻ تو بن ڪابہ گهڙي.

٥- ڪيئن رهندو عاشق حسن بنا،
نہ ستاءِ "پريمي" تون وري وري.

***

غزل-١٣

رات ساوڻ جي، برساتي رات،
سمي آ سهانو ۽ تنهنجي تات.

١- نئي لڳي دنيا جي، ڪا چيز مني،
ڪپي مونکي بس، تنهنجو سات.

٢- گل ڦل چمن ۾، ڪيئي تڙن تا،
ڪائنات ۾ آهي ڇانيل مات.

٣- سادي تنهنجي سونهن ڪي،
جاڳي منهنجي من ۾ جذبات.

٤- توکي ياد آ، سا مونکي ياد،
اها پهرين پياري ملاقات.

٥- ڪيئن گذرندي ساجن سواءِ،
نهاريان ٿي "پريميءَ" جي وات.

***

غزل-١٦

هن جهڙو نہ ٻيو ڪو ڪلاڪار آ،
سڀ ڪي هلائي، هو پڻ اَداڪار آ.

١- ونن سڀ پيا آڌار فقط هن جو،
سهارو آ سڀ جو، هو خد نراڌار آ.

٢- خلقيا هن انيڪ عجيب آڪار،
پر پاڻ تہ هو، سدا نراڪار آ.

٣- ڏي سڀ ڪي ٿو هو خوب پري پري،
مگر هنکي تہ، ڪابہ نہ درڪار آ.

٤- هن جي هر رچنا لڳي دل کي پياري،
چا تہ دلڪش هِت هُت گلزار آ.

٥- ڏسو قدرت جا ڪرشما نيارا،
واهہ! ڪائنات ہر سرسبز وڻڪار آ.

٦- رنگہ روپ پل ڏسجي نٿو هن جو،
سمجهي ''پريمي'' ٿو، هو تہ ساڪار آ.

***

غزل-١٥

کوئي دل جو قرار کسي ويو،
رهيو چپ چاپ، نہ کجھ ڏسي ويو.

١- کيو پائڻ جو يتن مون هنکي،
پر جدائي مون سان کري ويو.

٢- ڏيکاريائين تہ سندر سپنا،
هو دل تي چوٽ هڻي ويو.

٣- کيئن هلکو کريان، من جو بار،
پنهنجو نہ کو پتو ڇڏي ويو.

٤- کري پيار ڏيئي وڇوڙو،
دل زخمي ڇو کري ويو؟

٥- کيائين پيار پريو وهنوار،
پوءِ اَکيل ڇو ڇڏي ويو؟

***

غزل-١٨

كوئي كوئي پيار كندو آ،
كوئي وري لاچار رهندو آ.

١- سچو دلبر كو ملي مشكل،
جو جان تي جان نثار كندو آ.

٢- ڏي دل كي سچي خوشي،
كو كو دل باغ بهار كندو آ.

٣- كري پيار ۽ گهري قيمت،
اَهڙو بہ كو واپار كندو آ.

٤- كري پيار جو سانديي ساهہ سان،
عشق جو سو حقدار ٿيندو آ.

٥- كري پنهنجو نہ وري پوئتي،
سچو ”پريمي“ دل جو آذار ٿيندو آ.

***

غزل-١٧

ڏسان توکي دل منهنجي ٺري،
تو بن ڪين ٿي منهنجي سري.

١- پرديس ۾ رهيس ڪي ڏينهن چار،
رهان نہ پل پر جدا دل پئي چوي.

٢- سندر وادين ۾ ڪاش هجين سات،
ور ور ٿي دل توڏي منهنجي وري.

٣- سونهن جي هٽ ڪا نہ ڪمي آ،
پر ڪير آ جو دل منهنجي پري؟

٤- ڏسان ڪيئي ٿي دلڪش چهرا،
مگر تو سواءِ نہ ڪو پيارو لڳي.

٥- توسان پيار آ سچو "پريمي"،
وڇوڙي ۾ دل ٿي منهنجي سڙي.

***

غزل-٢٠

زماني اَنوسار هلڻو پوندو آ،
ڪڏهن چپ چاپ بہ رهڻو پوندو آ.

١- ڪوئي ڏينهن کي چوي جي رات،
سندس خوشيءَ ڪري مڃڻو پوندو آ.

٢- ڪري منيون ڳالهيون ۽ ڏي دلاسا،
آسرو اَهڙن جو بہ رکڻو پوندو آ.

٣- وَٽي دل ڏي موٽ ۾ ڪوئي درد،
اُهو دوا سمجهي پيئڻو پوندو آ.

٤- ڪري واعدو ۽ ڏيکاري لاچاري،
اَهڙو بهانو پڻ ٻُڌڻو پوندو آ.

٥- کٽي قرض ۽ ڪن تا جي دان،
داني پرش تن کي چوڻو پوندو آ.

***

غزل-١٩

سندر چھري ڪري ڏاڍو وٺين ٿي،
اَڪڙين سان بہ جادو ڪرين ٿي.

١- نيڻ نشيلا لڳن ٿا پيارا،
چا تہ دل تي تير هڻين ٿي.

٢- پھرين ٿي ويس وڳا سندر،
سدا دلڙيءَ تي ترين ٿي.

٣- پريان آهون ساري توکي،
چا اِهي نہ تون سُڻين ٿي.

٤- ڏيکاري پنھنجي چال مستاني،
چو اَندر ۾ جوش پرين ٿي.

٥- لڳي ٿو معصوم چھرو تنھنجو،
چا تہ دل تي چوٽ هڻين ٿي.

٦- ڪئي ٻلائڻ جي ڪوشش گھڻي،
پر نہ "پريميءَ" ڪان وسرين ٿي.

***

غزل-٢٢

سچ کي سچ چوڻ وارو آهي ڪو ڪو،
ڪوڙ کي ڪوڙ چوڻ وارو آهي ڪو ڪو.

١- ڏس ته زمانو ڪيترو ته بدليو آ،
زماني کي سمجھڻ وارو ملي ڪو ڪو.

٢- ياشڻ تي تاڙي وڄائڻ وارا گھڻا،
ياشڻ کي صحيح سمجھڻ وارو ڪو ڪو.

٣- اَنياءَ ۾ پيڙجڻ وارا هِت ملن گھڻا،
اَنياءَ کي ختم ڪرڻ وارو ملي ڪو ڪو.

٤- دهشت ڏسي جھڪڻ وارا هِت گھڻا،
دهشت کي مٽائڻ وارو ملي ڪو ڪو.

٥- سُرَ ۾ سُرُ ملائڻ وارا "پريمي" گھڻا،
سُرَ کي سمجھڻ وارو ملي ڪو ڪو.

***

غزل-٢١

آنوکي شانت سرد آ رات،
تنهنجي دل ۾ دلبر آ تات.

١- ملاقات تنهنجي مني لڳي ٿي،
هر پل منهنجي لاءِ آ سوغات.

٢- گذاري سهاني هڪ رات تو ساڻ،
اُها دلڪش مونکي ياد آ پريات.

٣- منهنجي دل اَڄ بيچين لڳي ٿي،
توسان ملڻ جي جاڳي آ جذبات.

٤- وري گونجن ٿا سُر اهي رسيلا،
وٽي وري ٿي اِها مني ڪائنات.

٥- محبت جي منزل "پريمي" پري آ،
هيءَ تہ اَڃا پيار جي آ شروعات.

***

غزل-٢٤

پيار سان مون کي پُڪاري تہ ڏس،
اکين ۾ هڪ وار تون وهاري تہ ڏس.

١- واعدا ڪيئہ بہ اچڻ جا، اچين نٿو،
ڪڏهن در منهنجو ڪڙڪائي تہ ڏس.

٢- ڏسي منهن منهنجو چو ٿي شرمائين،
ڪڏهن نظر سان نظر ملائي تہ ڏس.

٣- چاهين تون بہ ٿي دل سان، ليڪن،
پنهنجي چاهت کي اِظهاري تہ ڏس.

٤- واجهايان تنهنجي ديدار لاءِ ٿو،
اچي قريب مونکي سنواري تہ ڏس.

٥- "پريمي" چاهت ۾ چريو آ ڪيترو،
دل پنهنجيءَ کي سمجهائي تہ ڏس.

***

غزل-٢٣

اَڄ منا تنهنجا ٿا طعنا لڳن،
پنهنجا بہ ڪيترا ٿا بيگانا لڳن.

١- جيڏانهن ڏسان بس تون آهين،
تنهنجا ستمگر دلفريب ٿا نظارا لڳن.

٢- ڪيترو بي وفا رهين مون سان،
ڪوڙا تنهنجا پر نٿا سهارا لڳن.

٣- ورهين ڪان تو لُٽيو آ مونکي،
تہ بہ واعدا اڄ بہ ٿا سچارا لڳن.

٤- ڪوڙ کي ڏئي سچ جو روپ،
ٻول تنهنجا ڇوٿا پيارا لڳن؟

٥- قسم کائي اڄ ڪرين ٿو واعدا،
سمجهان ٿي تہ اِهي بہ ٿا بهانا لڳن.

***

غزل-٢٦

منداين منهنجين کي شمارين ڇو ٿو؟
ڪچاين پنهنجين کي لڪائين ڇو ٿو؟

١- ڪڏهن پُڻ ورائي تہ پنهنجي بہ ڏس،
ڇڱاين منهنجين کي ڀلائين ڇو ٿو؟

٢- سڏيان سڪ سان ٿي توکي سڏائين،
سڪائتي سنڌ کي ٺڪرائين ڇو ٿو؟

٣- سمجهايان ٿي دل تنهنجي بہ آهي،
دنيا وارن کان گهبرائين ڇو ٿو؟

٤- پياسي دلين کي سمجهي کو ڪو،
اها ڳالهہ تون وسارين ڇو ٿو؟

٥- جي آسانجو پيار آهي نرمل،
"پريمي" جي دل تون رنجائين ڇو ٿو؟

***

غزل-٢٥

تڪيان ٿي راھ تنھنجي وڇائي نگاھون،
ٿڪجان ڪيترو؟ دلبر مان ڦهلائي ٻانهون.

١- ٻسيون ٻسيون ٿيون لڳن محل ماڙيون،
تو بن آھن ھي سڀ ويران راھون.

٢- ڪڏھن تہ نيڻ تون ايندين ساجن،
ٻڌي ھي منھنجيون دردي دانهون.

٣- بس آھي مونکي تنھنجو اِنتظار،
ڏسي پري ٿي ھي دلڙي آھون.

٤- دير نہ ڪر او من ٺار منھنجا ساٿي،
ھلي اچ تہ پاڻ ۾ دکہ-سکہ وراھيون.

٥- ڇرڪون پلا ڪيترو دنيا وارن ڪان،
"پريمي" ھڪ ٿئي ڪي ٿا دل سان چاھيون.

***

غزل-٢٨

عاشق ستارن جيان چمڪي پيو،
ڏسي ڪا حسينا تہ ٻرڪي پيو.

١- ڳپ چڪ مان تہ هو ٻچي نڪتو،
سُڪَ تي اڄ هو ڇو ترڪي پيو؟

٢- ملن سار سپ سان هو آ گهٽو،
ڇيو سپ جو مڇي هو گهرڪي پيو.

٣- جي ڪوئي ڇويس ٿو ڪوڙو سچ،
ڏس تہ ٽانڊن جيان ٿرڪي پيو.

٤- جي ٻڌاءِ ٻيس ڪي ٻول مٺا،
خوشيءَ سان واهہ جو ڳسڪي پيو.

٥- پاڻي ويس وڳا ڇونڊي سهٽا،
محفل ۾ "پريمي" ڇا تہ چلڪي پيو.

***

غزل-۲۷

سمجهي وقت کي ڪڏهن مُڙڻ به سِکُ،
چوئي ڪوئي تو سچ ته مڃڻ به سِکُ.

۱- جت ڪٿ ٻڌائين تو بس پنهنجي،
رکي سمجهه تون ٻين جي ٻڌڻ به سِکُ.

۲- ڪيترو اُبهرو تي تو من تپائين،
ڪڏهن من پنهنجي کي ٺارڻ به سِکُ.

۳- ونين سڀ تو ٻئي هٿ وٺي،
ڪڏهن ڪنهنکي تون ڏيڻ به سِکُ.

۴- ٻُرن جي سنگت لڳندءِ توکي مني،
ٻُرائيءَ کان ڪنارو ڪرڻ به سِکُ.

۵- چوي توکي تو اَگر ڪو ڳالهه سچي،
"پريميءَ" جو اِشارو هنڌائڻ به سِکُ.

***

غزل-٣٠

مڌر مڌر تنهنجو آواز وٽي تو،
تنهنجي هلڻ جو بہ اَنداز وٽي تو.

١- ڪيان راز جون ڳالهيون تو سان،
ڪنهنکي نہ پلا همراز وٽي تو.

٢- ڪلپنا جي اُڏام تہ وٽي تي سڀ ڪي،
تنهنجن ويچارن جو پرواز وٽي تو.

٣- ڏيکارين نٿو ڪڏهن ڪتي ڪچائي،
محب منا تنهنجو اهو راز وٽي تو.

٤- سواءِ سُرَ جي پلا راڳ چئبو ڪهڙو؟
ٻولن تنهنجن سان ئي ساز وٽي تو.

٥- چاهت توکي جا "پريميءَ" سان آهي،
تنهنجو مونکي اَهڙو راز وٽي تو.

***

غزل-٢٩

ڪڏهن تہ سک سان پاڻ وٽ گهرائين ها،
ديدار سان ئي پياس تہ ٻجهائين ها.

١- جي اِظهارين ها دکڙو پنهنجو،
چو هيئن تون پاڻ لڪائين ها.

٢- ميٺا هڻن چو سڀ دنيا وارا،
پنهنجو جگر تون نہ جلائين ها.

٣- روبرو تي ڪڏهن دل پنهنجيءَ جو،
احوال مونکي ڪاش ٻڌائين ها.

٤- دل ڏيئي دل وٺي ڪيوسين سؤدو،
جڳہ سموري ڪي بيشڪ ٻڌائين ها.

٥- دليون آسانجون تہ آهن نرمل،
"پريميءَ" جو پيار سدا پائين ها.

***

غزل-۳۲

ڪري غلطي ڇا پاڻ سمجهايو اَٿيئي؟
ڪري مستي ڇو من کي ڀنيلايو اَٿيئي؟

۱- ماري حق هِنَ هنجو پرين پِيِّ پنهنجو،
ڇا ڪڏهن ڪنهنجو گهر وسايو اَٿيئي؟

۲- گذارين وقت عشق عشرت ۾،
ڇو رت ٻين جو سُڪايو اَٿيئي؟

۳- سهي سگهين نٿو ڪنهنجو ٻه سچ،
سچن کي ڪري ڪوڙ بس پڙڪايو اَٿيئي.

۴- ڪرين تو ٻين جي پڙ کي پڌرو،
ڇا خود کي ڪڏهن سڃاتو اَٿيئي؟

۵- اِظهاري تو ”پريمي“ جي ڪائي ڪچائي،
ايترو ڏاڍ سان ڇو ڍڪايو اَٿيئي؟

***

غزل-٣١

هيءَ ڪنهن گلزاري آندي آ؟
هيءَ ڪنهن بهاري آندي آ؟

١- هر چيز ۾ آهي خاصو نشو،
هيءَ ڪنهن خماري آندي آ؟

٢- ڏي هر دل کي ٿي سُڪُونِ،
هيءَ ڪنهن چيز پياري آندي آ؟

٣- دل خوشيءَ سان آهي ٿمٿار،
هيءَ ڪنهن هٻڪاري آندي آ؟

٤- هر چيز جي اَدا آهي انمول،
هيءَ چيز ڪنهن نياري آندي آ؟

٥- سواءِ مهربان مالڪ جي ڪير آ،
جنهن "پريميءَ" ۾ گلزاري آندي آ؟

***

غزل-٣١٤

كاش مونکي همراز ملي ڪو،
ساٿي اَهڙو دلدار ملي ڪو.

١- ٺوڪرون راهه ۾ اَنيڪ کاڌم،
كاش ڪوئي همراز ملي ڪو.

٢- داغ گهڻن جي دامن تي آهي،
كاش ڪوئي بي داغ ملي ڪو.

٣- سوارٿي ساٿي ملن ٿا گهڻيئي،
كاش ڪوئي آڌار ملي ڪو.

٤- سونهن جي چاهت مونکي آهي،
كاش سُهڻو سرتاج ملي ڪو.

٥- ڇهرو دکي - ناشاد گهڻن جو،
كاش ڪوئي دل شاد ملي ڪو.

٦- قرب وندڙ چاهيان تو اُن سان،
كاش "پريمي" قربدار ملي ڪو.

***

غزل-٣٣

کوئي نہ دل سان پيار ڪري ٿو،
هتي تہ پيار جو واپار هلي ٿو.

١- پئسي وارن جو ئي قدر گھڻو آ،
پئسي سان هت ستڪار ملي ٿو.

٢- جيڪو نرڌن ۽ سقيم آ هتي،
سو ڪيترو نہ لاچار رهي ٿو.

٣- ڪوئي دنيا جا، سک جي طلبي،
انکي ناٽي سواءِ ڪجھہ نہ ملي ٿو.

٤- جڳہ جو چرخو بدلجي چڪو آ،
جت ڪٿ اتياچار هلي ٿو.

٥- مال ملڪيت جي نہ آ ڪنهن وٽ،
سو تہ اَنڌڪار ۾ ئي رهي ٿو.

٦- ڪيترو نہ پڪارين ٿا پريوءَ کي،
اڃا تہ اُهو نرآڪار رهي ٿو.

٧- ”پريمي“ بہ سڄڻ ساري گھڻو ٿو،
ليڪن اڃا نہ هو اُڌار ڪري ٿو.

***

غزل-٣٦

کيترو ڏکيو بڻيو آ زمانو،
پنهنجو ئي لڳندو آ بيگانو.

١- ڌرم ڪرم انسان کان ويو وسري،
پئسي بنيان انسان آ ديوانو.

٢- ڪوڙ پنيان ائين گمراھ آ آدمي،
جيئن شمع پنيان ڪو پروانو.

٣- بي سُري سان سُر ملائڻ وٽي ڪن ڪي،
نچي نادان ٿو ٻڌي بي سُرو ترانو.

٤- ڪيترو نہ ڪوڙ جو نشو آ دنيا ۾،
گويا سنسار بڻيو آ مئخانو.

٥- ماڻهوءَ جو آخر ۾ وجود ڪهڙو؟
"پريمي" رهجي ويندو آ افسانو.

***

غزل-٣٥

١- هر حال هر جاءِ تون آهين يادگار،
تو سواءِ ناهي جڳت ۾ ٻيو مددگار.

٢- دنيا جي رشتن جو اچ ڪھڙو آ ڀروسو،
تو سواءِ ناهي ڪوئي، تون سڀ جو آڌار.

٣- ڏي سمجھ ۽ شڪتي سچا سائين،
دوار تنھنجي جو مان هڪ خدمتگار.

٤- ڪپي نہ مونکي ڏن دؤلت ڪا دنيا جي،
پار لڳاءِ ڏيئي درشن، آنءُ عيبدار.

٥- نوڪرون ڪائي گھٽيون سکيو آٿم،
تو سواءِ "پريميءَ" ڪي نہ ڪنھنجو اعتبار.

***

غزل-٣٨

هيءُ آيو کھڙو شاسن آ،
جتي ڀڏبو ڪوڙو ڀاشڻ آ.

١- روز نيتائن جا ڀڏون دلاسا،
اجايو اُنهن تي ڀاڙڻ آ.

٢- هر روز اگھ چوٽ چڙھن ٿا،
ڇو اڳوانن ٻاريو ٻارڻ آ.

٣- رهبر ٿي ٿا عوام کي ڀلائين،
مطلب انهن جو پاڻ چاڙھڻ آ.

٤- ڪيسين آخر دوکو کائون،
هاڻ ڪوڙن تي کھڙو ڀاڙڻ آ.

٥- اَنڌڪار ۾ جن رکيو آسانکي،
تن جو کھڙو واعدو نيائڻ آ.

٦- ڊونگين کي ”پريمي“ پد تان هٽايو،
نہ تہ غلاميءَ ۾ ئي گذارڻ آ.

***

غزل-٣٧

نہ وسار تون ڪڏهن رب کي،
آسرو سچو آ اُنجو سڀ کي.

١- ڏٺي دل سان ڪري مدد تو،
سنڀالي اهو تو پوري جڳہ کي.

٢- ڪري شيوا ڪتُ دعا وڏن جي،
مالڪ چاهي تو سچي ٻل کي.

٣- جي ڪرين تو پلو تون سڀ جو،
ڪيئن وساريندو ڪو سچيءَ دل کي؟

٤- دکي دنيا ۾ لوڪ گھڻا آتيئي،
ڪڏهن نہ رنجاءِ تون ڪڪہ کي.

٥- سچو سؤدو ڪرڻ جي چاهين،
نہ وسار تون "پريميءَ" جي دل کي.

***

غزل-۱۶۰

صبح جي ڪِرڻ بيشڪ پياري لڳي ٿي،
اَسُر جي شانت دل کي نياري لڳي ٿي.

۱- هر ڏينهن جيان، اِڇائن جي پورت خاطر،
اِنسان کي روز مرہ واري تياري لڳي ٿي.

۲- هڻُ هڻُ واري هيءَ زندگي ڏکوئي ڪيترو،
اُميد جي دامن تي پر سونهاري لڳي ٿي.

۳- ڏکيا ڏينهن ڪڏهن چين ڪندن جيان،
ليڪن ڪڏهن آنندميہ ڦلواڙي لڳي ٿي.

۴- دوکو ڪڏهن تہ پنهنجن مان ئي ٿا کائون،
اڻچاٽائيءَ سبب زندگي سڇاري لڳي ٿي.

۵- ٿوڪرون کائي جو سنڀالي ٿو ”پريمي“،
زندگي دليرن جي معياري لڳي ٿي.

***

غزل-٣٩

هر دل ۾ اُٿي ڪو طوفان،
ڪاش جاڳي ستل هر اِنسان.

١- ڇا ته وڌي آ حيوانيت،
ڇو ٻڌي نٿو اڄ ڀڳوان؟

٢- سَنو صدين کان سچارن،
وني مؤج پيو بي ايمان.

٣- صبر ۾ آخر ڪيترو سهبو؟
ڪيسين ڏبو اَهڙو اِمتحان؟

٤- ڪوڙ کُنو ڪيترن سچن کي،
ڪٿي آ ويرن جي سنتان؟

٥- مرڻو سڀ کي آخر آهي،
حق تي ”پريمي“ ٿيءُ قربان.

***

غزل-۱۴۲

سچڻ تنهنجيءَ ياد ستايو آ گهڻو،
تصور تنهنجيءَ ۾ پاڻ لڇايو آ گهڻو.

۱- دل ئي دل ۾ ڪيو، مون پيار توکي،
رازِ دل نہ ٻڌائي مون پڇتايو آ گهڻو.

۲- ڏيڻ وٺڻ جو سؤدو ٿئي تو جڳہ ۾،
ڏيئي دل پنهنجي مون ڦُرايو آ گهڻو.

۳- رهين تو گهڻو چپ چاپ منا، ليڪن،
اَکين تنهنجين ئي سڀ ٻڌايو آ گهڻو.

۴- چاڻ هوندي بہ رهين تو ڇو اَڻڄاڻ،
سنگہ دل دنيا اسانکي ستايو آ گهڻو.

۵- تيرِ نظر چاڙهيو آ عجيب خمار،
بي سبب تہ "**پريمي**" پيار نہ وڌايو آ گهڻو.

***

غزل-١٤١

جتي بہ وڃين تي لائين گلزاري،
چو نہ مهڪين تنهن آهين گڏڪاري.

١- گلن جيان سگند تو ۾ بہ آهي،
گويا بهشت جي ڪا آهين قلواڙي.

٢- چمڪ تو ۾ غضب جي تي رهي،
بزم ٿئي روشن، پل هجي رات انڌياري.

٣- عنايت نظر تون جنهن تي ڪرين،
تنهنکي ملي ٿي عجيب دلداري.

٤- سدا رهہ تون چنڊ جيان روشن،
محفل تنهنجي سبب ٿيندي اُجياري.

٥- چاهت تنهنجيءَ چت چريو ڪيو،
”پريميءَ“ کي چاهڻ، آ تنهنجي اختياري.

***

غزل-١٤٦

هر اَدا ۾ هنجي نزاڪت ٿي ڏسجي،
پر ٻولن ۾ ڪا صداقت ٿي ڏسجي.

١- پيار جي راهہ ۾، چاهت نہ رهي هنجي،
سندس دل ۾ ڪا عداوت ٿي ڏسجي.

٢- پيار ڪري ڪوڙو ڏنائين مونکي دوکو،
دغاباز جي دل ۾ ڪراهت ٿي ڏسجي.

٣- سوارٿ رکي پئي ڪيائين چِٽ چِٽ،
هنجي پيار ۾ تہ ڪا ملاوت ٿي ڏسجي.

٤- خوددار ٿي، چئي ڏنم ڪوُڙو سڀ،
سوارٿيءَ کي اها نفاقت ٿي ڏسجي.

٥- ”پريميءَ“ شيطانيءَ کي آ نڪرايو،
شيطان جي من ۾ بغاوت ٿي ڏسجي.

***

غزل-١٤٣

گهر گهر ۾ چو تڪرار ڏسجي ٿو،
دکي اڄ هر گهر بار ڏسجي ٿو.

١- ڪو ڪم نٿو ٿئي اڄ دفترن ۾،
عملدارن جو انڪار ڏسجي ٿو.

٢- رهيو حال آ کهڙو حڪومت جو،
هر ڪم تي تڪرار ڏسجي ٿو.

٣- ڌن دؤلت جو افسر ديوانو،
شيوا ۾ ئي واپار ڏسجي ٿو.

٤- ڪلا جو قدر رهيو آ کهڙو،
فڪر ۾ چوُر فنڪار ڏسجي ٿو.

٥- اَدب جو رهيو رکپال کهڙو،
"پريمي" ڇا ته لاچار ڏسجي ٿو.

***

غزل-١٤٦

شل نہ نيتا ڪنهن پد تي چڙهي،
پوءِ نہ هوُ پنهنجو ئي گهر تو ڀري ڀري.

١- ٽوپي لاهي چاڙهي هِنَ هُنَ جي،
حصو پٽي تو دل سان کُهري.

٢- مُردو ڀل سرڳ وڃي يا وڃي نرڳ،
اُنجو ڀلا هوُ ڇو تو فڪر ڪري.

٣- کپن ووٽ ۽ نهن خوب نوٽ،
تنهن لاءِ تو هوُ منا ٻول ٻولي.

٤- لڳائي دربار تو چمچن جي،
چاپلوُسن جا تو گهر ڀري.

٥- ٻين جي ڏُک درد جي خبر ڪهڙي،
جيڪو تو A.C. گهرن ۾ رهي.

٦- بجليءَ پاڻيءَ جي نہ ڪيس تنگي،
ننڍو وڏو آفيسر سلام ڀري.

٧- هاٿيءَ جهڙا سندس ڏند آهن،
ڳالهيون بہ هوُ تو اَهڙيون ڪري.

٨- ڪو ڏي حوالا، ڪو رهي حوالات،
باقي ڪوئي هوائي سئر ڪري.

***

غزل-۱۶۵

رهي چپ چاپ، تہ بہ کجھ چئي وئي،
پولڻ بنا بہ، هوءَ سڀ چئي وئي.

۱- اَکيون مليون اَکڙين سان اِئين،
گويا ڪيائين جادو، دل کسي وئي.

۲- سندس اکڙيون پسڻ جيان،
ري چتائي سڀ پسي وئي.

۳- لب اَهڙا گويا قارون صوف جون،
ميل سواءِ لبن جو مزو چکي وئي.

۴- ڪمان سمان سندس ڀرون،
نظرن جا تکا تير هٽي وئي.

۵- ”پريمي“ هنجو حُسن آهي ڪمال،
گهِرا گهاءَ هوءَ دل تي ڪري وئي.

***

غزل-١٤٨

١- کھڙو حال چوان دنيا جو،
ڇھري تي کو ڇھرو ڏسان ٿو.

٢- دولت جي جن کي بک، ڏنوانن جو،
نرڏنن تي پھرو ڏسان ٿو.

٣- سِڌا سادا رهن ٿا جيکي هِتِ،
گذر تِنِ جو جھڙو تھڙو ڏسان ٿو.

٤- محنت کري جو پسينو وھائي،
جِگر ۾ گھاوَ گھرا ڏسان ٿو.

٥- ڪم نہ ڪار جو، دشمن اَناج جو،
گھمڻ گھتڻ ۾ سو وھڙو ڏسان ٿو.

٦- راھ هلن ٿا جي سِڌي سنوائي،
جيئڻ تِنِ جو اَڏوُرو ڏسان ٿو.

٧- دغا کري حق بين جو کائن،
مال قبائيندي سمورو ڏسان ٿو.

٨- شرافت ڇڏي جن کئي ڏاڍائي،
"پريمي" تِنِ جو ياري پلڙو ڏسان ٿو.

***

غزل-۱۶۷

۱- سُندر چھري ڪري ڏاڍو وڻين ٿي،
اکڙين سان بہ جادو ڪرين ٿي.

۲- نيڻ نشيلا لڳن ٿا پيارا پيارا،
چا تہ دل تي تير هڻين ٿي.

۳- پھرين ٿي ويس وڳا سُندر،
سدا دلڙيءَ تي ترين ٿي.

۴- پريان آھوُن ساري توکي،
چا اِهي تون نہ سُڻين ٿي؟

۵- ڏيکاري پنھنجي چال مستاني،
چو اَندر ۾ جوش ڀرين ٿي؟

۶- رهہ نہ ايترو بي خبريءَ ۾ مني،
دل تي چوٽ گھري هڻين ٿي.

۷- ڪري تکس ڀلائڻ جي ڪوشش،
پر نہ ”پريميءَ“ کان وسرين ٿي.

***

غزل-۵۰

مالڪ رهہ مهربان ۽ ڪندو رهہ سڀ تي مهر،
نہ ڏمر ڏيکار ڪڏهن، نہ ڪر ڪي قدرتي قهر.

۱- غريبن لاءِ جهوپڙو ناهڻ ڪنن آ،
رُسين تو تہ ڏاهين پل ۾ ڪيترا شُگهر.

۲- ڪٿي ساگر ٻوڙي تو محل ماڙيون،
ڪٿي غريبن جي جياپي جي سُڪائين نَهر.

۳- ديا جو داتار آهين تون جڳہ ۾ نيارو،
رهين راضي جِن تي سي ٻڻائن سُندر گهر.

۴- اوکي گهڙيءَ ۾ شل نہ وِسرين مالڪ منهنجا،
دُکہ سُکہ تہ اَچٽو وڃٽو، جيئن ساگر جي لهر.

۵- ڪي پاڻيءَ جي بوند بوند لاءِ پياسا،
ڪٿ باغ ٻڻائين برپٽ، ڪِٿ اُڇالين بحر.

۶- يڳوان سڀ تو سُڃاڻين ٻندا جڳہ جا،
سنڀالڻ وارو تون "**پريمي**" سنڀال اَٺ ئي پهر.

***

غزل-١٤٩

بنا اِطلاح ڪن تا ڪيترا دل جي چوري،
ڪيسين هلندي نيٺ آهڙي زورا زوري.

کھڙي خبر ڀارت کي ملندي آهڙي آزادي،
لڄ حياءُ ڇڏي تا نچن اَڄ جا ڇورا ڇوري.

ڇا تہ زماني کي آزادي ملي ويئي آ،
فئشن ڪري گھمن تا خوب پوڙها-پوڙهي

سئر ڪن پنڇيءَ جيان ديس-پرديس جا،
ڇا پئرس، جپان ڇا ڪنبالا - مسوري.

ڪوئي ڪنهنکي روڪڻ ٽوڪڻ وارو ناهي،
جيري جي لاءِ بکري کُسڻ تي هلي آ مارا-ماري.

***

٥- مونکي مليو آ مدت بعد همراز،
بنا پرن کريان تو مان پرواز.
نہ چوي کو بہ دل جو افسانو،
جاري هجي گيت غزل ۽ ساز-آواز.

٦- ملڻ سک سان جدائيءَ جو آذار آ،
دل ڏي دل وٽ اهو ئي سچو واپار آ.
ڌن دولت جو کھڙو رهيو آ ناتو،
قرب توهانجو اِهو ’پريمي‘ لاجواب آ.

٧- دل ۾ جو غير رکي تنهن لاءِ ڌکار آ،
قرب وارن لاءِ تہ منهنجي جان نثار آ.
آهي جڳہ ۾ سؤدو سچو سک جو،
جو سک کان خالي، سو جڳہ ۾ خوار آ.

٨- زندگي منهنجي تہ هک انوکو باب آ،
نہ رهيو مون ۾ هاڻ کو شباب.
هلان دنيا ۾ تو سڀ سان نياز وچان،
ٻپ چا جو، مونکي پسند نہ رباب آ.

٩- چا ننڍو چا وڏو، سڀ لاءِ پيار آ،
جنهن سمجھيو هن ڳالهہ کي سو سچو يار آ.
مليو آ سچو ساٿ دلبر دوستن جو،
کوئي ’پريمي‘ مون کان نہ کڏهن ڌار آ.

رباعيون

۱- هيءَ چاندني رات آنند جي رات آ،
ڏسي مهڪندڙ چهرا جاڳي جذبات آ.
سات مني محبوب جو لڳي تو پيارو،
هجي آغوش ۾ دلبر، اِها ئي تات آ.

۲- چنبڊ هلي آڪاش ۾ هوريان هوريان،
محب پنهنجو مان پاڻ ڏانهن سوريان.
ڇو ڏسان پلا هيڏانهن هوڏانهن،
مان تہ تو تان وڃا گهور گهوريان.

۳- زلف ڪارا آٿئي بادل جيان پيارا،
ڳل رخساري تنهنجا بيحد نيارا.
نيڻن تنهنجي ۾ عجيب آهي خمار،
اکڙيون تنهنجون گويا روشن تارا.

۴- هٽاءِ پنهنجي چهري تان نقاب،
ڏسڻ ڏي مونکي تون پنهنجو شباب.
ناهي جڳہ ۾ ڪوئي بہ تنهنجو دلبر ثاني،
سچ پچ تہ تون آهين ئي لاجواب.

١٥- ڏاريا لڳن پيا ڇڻ ڪي فرشتا،
ٽٽن ڪيئي پيا خون جا رشتا.
عقل جي سِپ تي پئي آهي مار،
چُپ چاپ آهن، سماج جا برجستا.

١٦- هي ڳل تنهنجي تي جو تِرُ آ،
ڪٿي اها منهنجي تہ نہ دل آ.
ڪري سنان زلفن ۾ آٽي بوندون،
ڇڻ بادلن ۾ ستارن جي جهرمر آ.

١٧- تنهنجو چهرو گلاب جو گل آ،
توکي پائڻ جي ڇا ڪئي مون ڀُل آ،
جي ميل ٿيو سون چانديءَ جيان هڪ ٻئي جو،
ملڻو اسانکي تنهن جو منو ئي ڦل آ.

١٨- ڀل دنيا بڻي آ دشمن اسان لاءِ،
ظالم ڪن ٿا حيلا هزار متائڻ لاءِ.
پيار سچي جي جيت رهي آ هردي ۾،
دير نہ لڳندي سچن پريمين ملڻ لاءِ.

١٩- ايترو ڇو پنهنجو پاڻ ڏہايون؟
ڇو دنيا وارن کان پاڻ لڪايون؟
جن رنجايو آ اسانجي دلين کي،
محبت جي طاقت تن کي ڏيکاريون.

۱۰- حسينن جي ادائن جو نہ ڪو ڪاٿو آ،
عاشقن سان ازل کان سندن ناتو آ.
ڪن ويس وڳا سهڻا ۽ چال سندن آ مستاني،
ميدانِ عشق ۾ ’پريمي‘ پڻ ڦاٿو آ.

۱۱- دل ديوانن جي نار پنيان ڇو ڇري آ،
وڃائي گهٽو بہ نہ سندن دل ٺري آ.
خوش رکڻ جا ڪين ڪن حيلا پل هزار،
گنوائين سڀ تا، الائي عاشقن جي ڇا بڻي آ؟

۱۲- حسينائون ڪن ٿيون ترڪ تال انيڪ بار،
روئارين عاشقن جا ڪيئي ٻچا-ٻار.
سمجهن ڪجهہ نٿا آنڌا عاشق هن پڙ ۾،
ڪيئي رولن وينا پنهنجا ٻچار-ٻار.

۱۳- رنگہ خوب حسينائون مٽائن ٿيون،
عاشق پوشاڪ جيان بدلائين ٿيون.
ڇا تہ برو حال ٿيو جوڌن جو ميدان عشق ۾،
ليڪن حسينائون ڪو قياس نہ ڌارين ٿيون.

۱۴- ڪٿي آهن گٿونت، ڪٿي آ ڀڳوان،
بدليو آ زمانو، بدليو آ اِنسان.
سڪ پنهنجن ۾ اڄ نہ رهي ڪا،
نندو وڏو بڻيو آ هرهنڌ شيطان.

٢٥- ڏسي حالت زماني جي لڳي ٿو اَرمان،
ڪي ڳڻ نہ هوندي، ڪي سڏائن ٿا ڳڻوان.
واھہ جي دنيا، ڇا تہ رنگہ آ بدليو،
ڪري ظلم جو، سو سڏائي رحمان.

٢٦- ڪوڙو ڪپٽي بڻيو آ اڄ ڏنوان،
حاڪم بڻيو آ اڄ ستمگر-شيطان.
خوشامندڙيا رهن خوش جڳہ ۾،
سچن سادن جو ٿئي پيو اَپمان.

٢٧- دل منهنجيءَ ۾ ڪا پياري ٿي رهي،
چاهي ٿي جا، سا سونهاري ٿي رهي.
ازل کان سندس دل آ مون سان،
ڪري اظهار نٿي، گهڻي لچاري ٿي رهي.

٢٨- ڪري مڏر مڏر ڳالهيون پلهار ٿي وڃي،
سڪ سيني ۾ ساندي گهڻي، دلدار ٿي رهي.
هي آغاز عشق آ ٻن دلين جو،
’پريميءَ‘ تان هوءَ جان نثار ٿي ڪري.

٢٩- اچي سامهون دل باغ بهار ٿي ڪري،
ٽڙي گلاب جيان جڏهن ديدار ٿي ڪري.
ڪاش وڇوڙو نہ ٿئي پريمين جو هرگز،
سچي پيار جو هوءَ سينگار ٿي رهي.

۲۰- چا ڪڏهن تو ڏک نہ پاتو آ؟
چا انجو ڪارڻ ڪڏهن ڄاتو آ؟
ڏک سک آهن جيون جا ساٿي،
اُنهن سان جنم جنم جو ناتو آ.

۲۱- ڏک سک رهيا آهن جيون جو کيل،
ڪڏهن نہ رهيو آ ٻنهي جو سدا ميل.
هڪڙو جت آ، ٻيو نہ رهي هرگز اُت،
واري وٺيءَ جو آ اُنهن جو کيل.

۲۲- ڏسي ڏک کي جو نٿو گهبرائي،
اُهو ئي جيون جو سُک ٿو پائي.
خوش رهي جو ڪري ميل ٻنهي سان،
سوئي سوڀارو زندگيءَ ۾ آهي.

۲۳- ڪنهن سچاتو آ ڀڳوان،
اڄ خود مطلبي آ اِنسان.
مالڪ تہ مهر ڪئي هڪ جهڙي،
پر ڪنهنکي ياد آ اَحسان؟

۲۴- سگهارو سڏائي پاڻ کي ٻلوان،
ڪارائي ڪجهہ تہ چوائي ميزبان.
اَلائي آڪڙ ڪري ڇا تي ٿو؟
جيڪو پاڻ آ هِت ڪو مهمان.

٣٠- ڏسجن ٿا مالڪ تنهنجا ڪيئي آڪار،
ليڪن پوڇاري ڪوئين توکي نرآڪار.
ڪي پڳهت توکي دل سان ٿا پوڄين،
ڪي وري ڪن نامُ تنهنجي جو واپار.

٣١- سچن پڳتن جو تون سچو آڌار،
پر مالڪ تون رهين سدا نرآڌار.
تنهنجي در تي شرڌالن جي پيڙ،
پر ڪي ڪي تہ وڃن تو تان ٻلهار.

٣٢- ڪي چاڙهن نوٽ ڪي چاڙهن وينا هار،
درشن پائي تنهنجو ڪي ٿين ٿا باغ بهار،
ڪي سجائن گهر تنهنجو جڳہ مڳائي جوتي،
پر سندن دکين ۾ رهي تو آنڌڪار.

٣٣- سکہ ۾ ساٿي سڀ جا آهن، دکہ ۾ نہ ڪير،
دکہ سکہ کيل ڇانو ڌوپ جيان، نہ رکہ اندر ۾ وير.
پيد ڀاو سڀ وساري ڇڏ، فاني دنيا مستاني،
سمجهہ ڏار، ڪر پريم سڀ سان نہ رکہ ڪوئي غير.

٣٤- پل ڪا چيز ڪا هجي ڪيتري بہ لاثاني
هرهڪ چيز دنيا جي آٿيئي فاني.
ڇا کڻي آيو ڪو جڳہ ۾، ڇا کڻندو ڪو؟
ڄاڻي اِهو تہ بہ ڪن ڪيترا عاقل ناداني!

***

Aum Sri Sathya Sai Ram



Be steady have faith and reach the Goal of life.

A well wisher of
Sindhi Literature and Culture

سيڪشن - ۳

آءٌ آهيان ڪير !

(منهنجو جيون هڪ کليل باب)

...هنجي زندگيءَ بابت :

مون زندگيءَ جون ٦٢ بهارون ماڻيون آهن. جڏهن کان ...ش سنڀاليو آهي، تڏهن کان گھڻو ڪجھ جيون مان سکيو ...يان. زندگيءَ ۾ ڪيترائي کٽا-مٺا اَنڀو مليا آهن. پنهنجي ...ي اَوستا ۾ ئي مجبورين سبب پورهيو ڪيو اَٿم. سخت ...اڪشي ڪئي اَٿم.

جيڪا عمر ٻارن جي راند روند جي، رانديڪن سان راند ...رڻ جي ٿيندي آهي، اهڙيءَ ڪچيءَ عمر ۾ ئي خون پسينو ...ئي، جيءُ جوکي ۾ وجهي روٽي روزيءَ لاءِ ڇا ڇا نہ ڪيو! ...ي ڏينهن ياد ايندا آهن تہ پنهنجي سياھ نصيب تي آنسوُن ...ائڻ کانسواءِ ٻيو ڪجھ نہ ڪري سگهندو آهيان. ۽ اَڄ جي ...لت تي پيُوان جا لک لک نہ پر ڪروڙ ڪروڙ شڪرانا مڃيندو ...يان.

۱۹۴۷ع ۾ ديش جي ورهاڱي سبب اَسانکي پنهنجو وطن ...ڏو پيو. جڏهن اسان پنهنجو پيارو وطن سنڌ ڇڏيو، اُن وقت ...هنجي عمر فقط پنج سال هئي. ماءُ پيءُ جو پنجون نمبر پُٽ ...يان، جنهنڪري منهنجو نالو وڏن ”پنجو“ رکيو. جيڪي وڏن

ٿيو هو. هڪ سال اُلهاسنگر ڇڏي پوني ۾ رهياسين ۽ اُتي
ٽيواريءَ ۾ هڪ شاهي هوٽل پواني پيٽ ۾ کوليسين، پر قسمت
ت نہ ڏنو. سال ۾ گهڻو نقصان پائي وري اُلهاسنگر واپس
سين. پائرن ۾ ٻيون نمبر ڀاءُ نارائڻ مئٽرڪ جي پڙهائي
ري شادي ڪئي، جيڪا ١٩٥٢ع جي ڳالهہ آهي. نوڪري بہ
س سني نہ پئي ملي تہ گواليار هليو ويو، جتي هڪ ماسي
ندي هئي. وڏو ڀاءُ مولچند تہ هندوستان اچڻ سان ويساپور
يو ويو ڇو تہ هو سنڌ ۾ ئي اَلڳہ رهندو هو. پتا کي گهر جي
ڻن ڀاتين وٽان سهڪار نہ ملڻ سبب ويني ڪائڻ سان پئسن ترو
تو. ١٩٥٥ع ۾ ٽيون دفع سنڌ ۾ پنهنجي شڪارپور شهر ۾ ويو
اسانجي ملڪيت تي اُتان جي ماڻهن قبضو ڪيو ڏسي ڏاڍو
شڪستو ٿي موٽيو ۽ سندس صحت ڏينهون پوءِ ڏينهن ناساز
ڻ لڳس ۽ ڪليم آفيسن جا ڌڪا کائي نراس ٿيڻ لڳو. حالت
ر جي سقيم ٿيندي رهي. قدرت ڏينهن ڏکيا ڏيکاريا. ننڍي
ر ۾ اسان پائرن ريل گاڏين ۾ فروٽ ڪٽي پئي وڪيو تہ ڪنهن
ئيويٽ دفتر ۾ نوڪري ڪري پيٽ پئي پاليو. مان خود ٨
ن جي عمر ۾ دڪان تي نوڪري ڪري ٣٠ روپيا مهيني جي
ائيءَ تي لڳس. ايتري قدر جو ڪجهہ عرصو ماءُ پيءُ کان
ہ پوني ۾ هڪ سال ٥٠ روپيا مهيني جي پگهار تي هڪ سيٺ
، گهر ۾ نوڪري ڪئي. پتا اسانجو خوددار هئڻ سبب
هنڪي سوال ڪرڻ پسند نہ ڪندو هو. هو چوندو هو، محنت
يو، مالڪ ڏکيا ڏينهن ڪاٽي سکيا ڏينهن ڏيکاريندو. منهنجو
ڪ ڀاءُ هوندراج جيڪو ٽيون نمبر وٺلواڙي اسٽيشن ٻاهران سنڌ
سنل هاءِ اسڪول ۾ ڪلارڪ ٿي لڳو. اهڙن ڏينهن ۾ هن کي
سنجي پڙهائيءَ جو خيال آيو. جڏهن منهنجي عمر ١٢ سال
ي رهي هئي، تنهن هڪ ڏينهن مونکي چيو، ”تون سياٽي مون

نالو رکيو، ست آهي. جيتوڻيڪ اُهڙي نالي کي اڄ ڪلهه گهڻا
پسند نه ڪندا آهن ۽ ڪي ته وڏن جي مليل نالي کي بدلائي
پنهنجي پسنديءَ جو نالو رکائيندا آهن، پر مان اهو واجب نه
سمجهيو. مان سنڌ ۾ پنهنجن ڀائرن ڀينرن سان ۵ سال سُکي
جيون گذاريو، ڇو ته سنڌ ۾ منهنجي پتا کي تمام سنو ڏنڌو-
واپار هيو، سني گهڻي ملڪيت هئي. پتا صاحب کي سنڌ
شڪارپور ۾ ٻه وڏا شاهي دڪان ۽ ۱۲ جڳهيون هيون.

هڪ دڪان منهنجي وڏي ڀاءُ مولچند پئي سنڀاليو
ته ٻيو دڪان منهنجو پتا سيٺ باشي مل پئي سنڀاليو. رهڻ لاءِ ٻ
شاندار وڏيون جڳهيون، منهنجي هڪ ڀاءُ مولچند جو سنڌ ۾ ئي
شادي ڪيل هيو ۽ ٻي جڳهه ۾ باقي پريوار ماتا-پتا، ڀائر ۽ ڀينر
رهندا هياسين.

۱۱ جڳهيون مسواڙ تي يا ڪنهنجي ڌڪ سڪه لاءِ رکيل
هيون. هت آر.ڪي. تلريجا ڪاليج، سيوا سدن ڪاليج ۽ نيو اير
هاءِ اسڪول، اُلهاسنگر جي سيٺ پرسرام پارومل ۽ ڪيتر
سُڃاڻن. اَهڙي سيٺ سان اَسانجي پتا جو گهرو سنبند ۽ واپاري
وهنوار رهيو هو.

ورهاڱو ٿيو، اَسين ڀهرين هڪ سال بمبئيءَ جي گوريگان
۾ اَچي رهياسين، پر پوءِ گهڻن مٽن مائٽن جي اُلهاسنگر ۾ ڇ
رهيا ته اسين پڻ هت اَچي رهياسين. اسانجي پتا جو پڪ
وشواس هو ته اَسين هت عارضي طور ٿوري وقت ئي رهنداسين
پوءِ وري پنهنجي وطن سنڌ ۾ هلنداسين. انڪري ڪوبه ڌنڌ
واپار شروع نه ڪيوسين. پر اهڙو آسرو دوکو ثابت ٿيو. ورهاڱ
بعد پتا صاحب ٻه دفعا سنڌ ويا ۽ شهر شڪارپور ۾ پنهنجيو
جڳهيون بند ڏسي من کي تسلي ڏيئي واپس آيا، پر پوءِ حالتو
ٿهڻ جي بدران وڃن پيون بگڙجنديون. قسمت شايد اهڙو ڪي

جي ڳالهہ دماغ ۾ ويهجي ويئي. مان روز برابر اڌ ڪلاڪ پهرين
پهچندو هيس ۽ ٽيچر بہ پوائي چونڪ ائڊمنسٽريٽر آفيس پرسان
رهندي هئي، اُها ايندي هئي. اُنهن ڏينهن ۾ مان اُلهاسنگر ٢
۾ جهوني ڪاڇي مل مناڻيءَ جي دڪان پنيان بئرڪ نمبر ٥٢٤،
روم نمبر ١٦ ۾ رهندا هياسين. مان پيرين پنڌ وڃي وقت تي
پهچندو هيس. ٻين ٻارن جي ڀيٽ ۾ مان سڀني کان عمر ۾، قد
۾ وڏو هيس. ٽيچر جي لاڏ پيار ۽ سٺي طريقي سان پڙهائڻ سبب
منهنجو من پڙهائيءَ ۾ لڳي ويو. ٽيچر شروعات کان پڙهائڻ
لڳي، مان بہ جلد سکندو رهيس ۽ ٿوري ۾ هن هڪ مهيني
اندر پهرين درجي جو ڪورس پورو ڪرايو. امتحان ورتائين. سڀ
صحيح لکيل ڏسي خوش ٿي. وري ٻن مهنن ۾ هن مونکي ٻين
درجي جو ڪورس پورو ڪرايو. امتحان ورتائين، جنهن ۾ پڻ
سڀ ڪجهہ صحيح لکيل ڏسي خوش ٿي ۽ مونکي شاباس ڏيندي
هئي. ان بعد هن ٽين درجي جي پڙهائي شروع ڪرائي. ڇهين
مهيني واري امتحان ۾ مان پهريون نمبر بيٺم. ٽيچر ڏاڍي
خوش تہ مان ۽ منهنجو پاءُ ۽ ماءُ پيءُ خوش ٿيا. هاڻ خود ٽيچر
هيڊ ماستر کي چيو تہ هي ٻار چوٿين درجي ۾ ويندو تہ اُتي پڻ
ڇهن مهينن ۾ پڙهائي پوري ڪري سٺين مارڪن سان پاس
ٿيندو. ٽيچر جي ڳالهہ تي هيڊ ماستر گهرايو ۽ چيو، توکي
چوٿين درجي ۾ ويهاريندس، پر جيئن اڌ ڪلاڪ سويل ايندو
هئين، تيئن روز اَڌ ڪلاڪ سويل توکي اچڻو پوندو. ۽ ماستر کان
پڇندم تہ چاهہ ڏيئي پڙهائي ڪري ٿو يا نہ. مون چيو،
سائين، مان اڌ ڪلاڪ روز سويل ايندم.'' مونکي موڪلن ۾ لکڻ
۽ گهڻو ڪم پڻ ڏنو ويو. ڇهين مهيني جي موڪلن ۾ مون پڻ
پڙهائي دل سان ڪئي ۽ موڪلن بعد چوٿين درجي جي ڪلاس ۾
ويهاريو ويم. مون دل سان، نيم سان پڙهائي ڪئي. ساليانی
امتحان ۾ ١٢ نمبر بيٺم. اهڙي طرح هڪ سال ۾ مون چار

سان ڳڻ اسڪول هل ۽ تون پڙهائي ڪرڻ شروع ڪر.'' مون چيو،
''هيڏو وڏو مان پهرين درجي ۾ ڪيئن ٿهندس، مان پڙهائي نہ
ڪندس.'' هن چيو، ''مان توکي سڌو ٽين درجي ۾ داخلا
ڏياريندس، پوءِ تہ تون پڙهندين.'' مون دل ۾ چيو، نہ مونکي
ٽين درجي ۾ داخلا ملندي ۽ نہ مان پڙهائي ڪندس.'' سو مون
چيو، ٺيڪ آهي، پر پهرين درجي ڪان مان پڙهائي نہ ڪندس.
ٻئي ڏينهن مان پاڻ سان ڳڏ سنڌ نئشنل هاءِ اسڪول، جتي
پرائمري اسڪول پڻ هلندو هو، آيس. اُنهن ڏينهن ۾ هيڊ ماستر
شري ايشور لعل هيو. آفيس ۾ وٺي هليو. منهنجي پڙهائيءَ
جي ڳالهہ اڳواٽ ئي ڪري آيو هو. تنهن اَچي هيڊ ماستر
سامهون ڪيو. چيائينس تہ هي منهنجو ننڍو ڀاءُ آهي ۽ هنکي
مهرباني ڪري اسڪول ۾ داخلا ڏيوس. هيڊ ماستر مون ڏانهن
نظر ورائي پڇيو، ''تون پڙهائي دل سان ڪندين ڪين هڪ
ڏينهن اچي ۴ ڏينهن غير حاضر رهندين؟''

مون چيو، ''نہ سائين مان پڙهندس ۽ روز ايندس.'' وري
چيائين، ''پهرين درجي ۾ ويهارياءِ تہ ويهندين؟'' مون چيو،
مان هيڏو وڏو،پهريون درجي ۾ نہ ويهندس. ٽيون درجو پڙهندم
هيڊ ماستر صاحب چيو، توکي درجي ٽين ۾ ويهاريان ٿو، پر
پڙهائي شروعات ڪان ڪندين ۽ روز اڌ ڪلاڪ اڳواٽ ايندين ت
توکي ماسترياڻي ڇهن مهنن ۾ پهرين، ٻين ۽ ٽين درجي ج
ڪورس ڪرائيندي. مون چيو، مان اڌ ڪلاڪ روز پهرين ايندم
هيڊ ماستر صاحب ٽيچر کي گهرايو ۽ چيائينس تہ هنکي
شروعات ڪان سيکاريو. وڏو ٻار آهي، چاهہ لڳائيندو تہ ڪورس
پورو ڪندو ۽ امتحان وٺڻ سان خبر پوندي تہ ڪيتري قدر چاه
وٺي ٿو. ٽيچر چيو تہ سپاٽي ڪان تون سوا ٻارهين (۱۵-۱۲
ٻجي ڪان روز اچ ۽ چاهہ ڏيئي سکندين تہ سکي ويندين. ٽيچ

يو ايرا هاءِ اسڪول ۾ نوڪري ملڻ بابت :

١٩٦٨ع مئي مهيني ۾ مون بي.اي. امتحان ڏنو ۽ انجو
نيجو جون ۾ اچڻ وارو هو. منهنجي بمبئيءَ ۾ پوسٽ ۽
يليگراف ڊپارٽمينٽ واري نوڪري چالو هئي، پر شام جو لوڪل
ڏيون ائين پرجي ويندي هيون، گويا ٻڪر-ٻڪريون واڳهوءَ
ي وات ۾ تمام تيز وهڪري سان پئجي رهيا هئاسين.
ڪذهن لڳاتار هڪ ڏيڊ ڪلاڪ اُڀي ڪاٽ بيهڻو پوندو هو ۽
هر پهچڻ سان شرير ٿڪاوٽ سبب چور چور رهندو هو. ماني
ئي مشڪل سان ڪٿي ڪذهن ڪو وجهڻ ٿيندو هو. اهڙي
ندگيءَ ۾ مون ڪو جس ۽ رس نه سمجهيو. خيال ڪيو ته سيٺ
سرام پارومل سان، جنهنڪي گهر جا ياتي بابا ڪري چوندا
ئاسين. پنهنجي تڪليف ٻڌايان ۽ اسڪول ۾ نوڪري وٺڻ لاءِ
ض ڪريان. هڪ ڏينهن آفيس پوري ٿيڻ جو وقت ٿيو ته
ليفون ڊائريڪٽريءَ مان بابا پرسرام پارومل جو نمبر ڳولهي
ن ڪيو. فون جهٽ لڳو ۽ فون خود سيٺ کنيو. مون چيومانس،
ن باشي مل گيهه واري جو پٽ ڳالهايان ٿو ۽ توهانجي اسڪول،
هاسنگر ۾ نوڪري ڪرڻ ٿو چاهيان. سيٺ پڇيو ته ڪٿان
هائي رهيو آهين ۽ روبرو اَچي مل ته نيڪ ٿيندو. مون چيو،
ان توهان وٽ ڪلاڪ کن ۾ پهچان ٿو.''

مان ساڍي پنجين بجي پنهنجي آفيس کان نڪتس ۽
ٺ جي گهر وڊالا ۾ لڳ ڀڳ ٧ بجي پهتس. سيٺ جي نوڪر
وازو کوليو ۽ بابا اُتي روم ۾ وينا هئا. مون پنهنجي واقفيت
ي. سيٺ اُن وقت ماني کائڻ وارو هو. هن چيو، ماني کائي
وال ڏيون وٺون ٿا، تون پڻ ماني رات جي هت کاءُ، ڇو ته
ني اُلهاسنگر پهچڻ ۾ ڪافي وقت لڳندو. سيٺ منهنجي لاءِ ٻه
وئي گهرائي. سيٺ جو چوڻ ٽاري نه سگهيس. ماني کائڻ بعد

درجا پاس ڪيا. اهو هڪ رڪارڊ آهي، جيڪو گنيز بوڪ ۾ اچڻ گهرجي. ان بعد هر سال نيم سان پڙهائي ڪندي مون ١٩٦٣ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان سيڪنڊ ڪلاس (٥٨ سيڪڙو) سان پاس ڪئي. اٺين درجي ۾ جڏهن پڙهائي ڪندو هيس، ته راتري هندي پاٺشالا ۾ ڪوود پڙهندو هيس ۽ ١٩٥٩ع ۾ سيپٽمبر ۾ ڪوود امتحان ۾ ٻيون نمبر آيس، جنهنڪري پڙهائي ڪندي هندي اِسڪول سنت تلسيداس هندي وديالیہ ۾ پڙهائڻ به ويندو هيس ۽ ڪجهہ وقت آريہ سماج جي هندي وديالیہ ۾ ڪوود تائين پڙهائيندو پڻ هيم. ١٩٦٣ جوُن ۾ مئٽرڪ اِمتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو. بمبئيءَ ۾ ايمپلائمينٽ ايڪسچينج ۾ نوڪريءَ لاءِ نالو لکايو. جلد ئي جولاءِ مهيني ۾ مونکي مهاراشٽر گورنمينٽ جي پوليس کاتي ۾ نوڪري ملي. پر ساڳئي وقت مون بمبئيءَ جي ڪي.سي. ڪاليج ۾ پڙهائي پڻ جاري رکي.

نوڪريءَ لاءِ ڪاليج جي ائڊريس ڏنل هئي. ١٩٦٣ع ۾ مهاراشٽر راجيہ جي دفترن ۾ ڪلارڪ جي پگهار ١٢٦ روپيا هئي ته مرڪزي سرڪار جي دفترن ۾ پگهار ١٥٦ روپيا هئي. مونکي بامبي پورٽ ٽرسٽ ۾ ١٩٦٤ع ۾ نوڪري ملي، جتي پڻ سال نوڪري ڪئي ۽ پوءِ جلد ئي پوسٽ ۽ ٽيليگراف ڊپارٽمينٽ ۾ نوڪري ملي. مون پنهنجي بي.اي. جي پڙهائي به پئي ڪئي ته نوڪري به ڪندو رهيس. اهڙي طرح ٥ سالن ۾ مون ٽن کاتن ۾ پنهنجيون سيوائون ڏنيون. ١٩٦٨ع مئي ۾ مون بي.اي. پاس ڪئي ۽ اها سيڪنڊ ڪلاس ۾. هاڻ مون سوچيو ته سيٺ پرسرام پارومل کي عرض ڪريان ته بمبئيءَ جي نوڪري مونکي ٽڪائي ٿي ۽ اُلهاسنگر جي نيو ايرا هاءِ اسڪول ۾ نوڪري ڏياري ته وڏي مهرباني.

ڪرايائين. جنهنڪي پڻ ٻڌايائين تہ ”هي سيٺ جي سفارش سان ٿيو آهي ۽ پارسي ٽيچر جي ضرورت پڻ آهي، ڪيس اَپائنٽمينٽ ليٽر ڏيوس.“ وائيس پرنسيپال مون کان پڇيو، ”ڪڏهن کان توهان اسڪول ۾ اچي سگهندا؟“ مون چيو، ”شايد مهينڪو ڪن لڳي، ڇو تہ بمبئيءَ ۾ نوڪري ڇڏڻ لاءِ شايد هڪ مهيني جو نوٽيس ڏيڻو پوندو.“ شري شوداساڻيءَ چيو، نيڪ آهي، جنهن ڏينهن کان اَچو، هڪ ڏينهن پهرين اَپائنٽمينٽ ليٽر وٺي وڃجو. مون بمبئيءَ جي نوڪري ڇڏڻ لاءِ تياڳہ پتر لکي ڏنو ۽ جنهن ڏينهن مونکي آفيس مان رِليوِ آرڊر مليو هو، ان کان هڪ ڏينهن اڳہ اسڪول مان اَپائنٽمينٽ ليٽر وٺي، بمبئيءَ جي آفيس کان الودا ورتي. نيو ايرا هاءِ اسڪول ۾ سروِس شروع ڪئي. منهنجي بي.اي. جي رزلٽ بہ پوءِ آئي ۽ جڏهن بي.بي. (آنرس) ڪلاس مليو تہ مونکي جيتري خوشي ٿي، شايد ان کان وڌيڪ پرنسيپال لالا کي ٿي. هڪ سال مون پنهنجيون سيوائون دل سان ڏنيون. پرنسيپال خوش ٿي مونکي پاڻ بي.ايڊ. جي پڙهائيءَ لاءِ چيو. مون نوڪري ڪندي، ٽيوشن ڏيندي، بي.ايڊ. جو امتحان ۵۷ سيڪڙو سان پاس ڪيو. ۱۹۷۰ع ۾ بي.ايڊ. جي نتيجي ظاهر ٿيڻ کان اڳہ گرهست جيون جي بندن ۾ ٻڌي شاديءَ بعد بہ ايم.اي. پڙهائيءَ جي تياري ڪري رهيو هيس، پر ايترو جلد شاديءَ بعد من نہ لڳو، سو ايم.اي. پڙهائي وچ ۾ ڇڏڻي پيئي. وري ۸ سالن بعد پڙهائي ڪرڻ جو جنوُن جاڳيو ۽ ايم.اي. سنڌي وشيہ سان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪئي. ايم.اي. جي امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيو تہ مونکي اسڪول ۾ يارهين ۽ ٻارهين درجي جي سنڌي وشيہ پاڙهڻ لاءِ جونيئر ڪاليج ۾ کنيو ويو. مون اسڪول ۾ ۳۲. سال ٦ مهنا ۽ ۲۱ ڏينهن پنهنجا سيوا ڪاريہ ۾ ڏنا. مونکي ٽيچر، سُپر وائيزر، وائيس پرنسيپال جي

هن مون کان حال احوال پڇيو. اُن وقت منهنجو پتا صاحب
حيات نہ هو. مون ٻڌايومانس تہ ٻتا کي گذاري ٽي سال ٿي ويا
آهن. مارچ ١٩٦٥ ۾ پتا صاحبن چالاڻو ڪيو هو. هن منهنجي
وڏي ڀاءُ مولچند بابت پڇيو، جيڪو ورهاڱي وقت ئي
اسان سان گڏ اُلهاسنگر ۾ نہ رهيو هو. هو ويساپور ۾ رهيو. ڀين
ڀائرن ڀينرن بابت پڇيائين. مون سڀ احوال ٻڌايو. سيٺ چيو،
”توهين سني ڏنڏي وارا، تنهنجي پتا سان منهنجي سني ياري
رهي هئي، توکي نوڪريءَ تي لڳائڻ مان پنهنجو فرض سمجهان
ٿو. تون اسڪول جي پرنسيپال شري لالا صاحب سان وڃي ملاقات
ڪر. مان فون تي تنهنجو نالو ٻڌائي کيس چوان ٿو.“ مان ڏاڍو
خوش ٿيس. ٻئي ڏينهن نيو ايرا هاءِ اسڪول جي پرنسيپال شري
ايس. جي. لالا سان اَچي مليس. سيٺ فون تي منهنجي سفارش
برابر ڪئي هئي. هن فقط مون کان پڇيو تہ ڪهڙا وشيہ پاڙهي
سگهندين؟ مون چيو، مئٽس وشيہ ڇڏي باقي وشيہ مان پاڙهي
سگهندس. مئٽس ۾ منهنجو چاهہ شروع کان گهٽ رهيو آهي.
پرنسيپال پڇيو، ”ڇا پرشن پاڙهي سگهندين؟“ مون چيو، ”اهو
وشيہ منهنجو اِنٽر تائين ڪنيل آهي ۽ مان پاڙهي سگهندس.“ هو
ڏاڍو خوش ٿيو. هڪ بزرگہ آزمودگار ماسٽر شري ايم.ڊي. وليڇا
کي گهرايائين ۽ چيائينس تہ ڏسو، هي ڪهڙي درجي تائين
پرشن وشيہ وديارٿين کي پاڙهي سگهندو. شري وليڇا ڏهين
درجي جو پارسي ڪتاب گهرايو ۽ ڪجهہ ٽڪر ترجمو ڪرڻ لا
چيائين. مون کيس ترجمو ڪري ٻڌايا. ڪٿي ڪا اَٽڪ نہ ٿي
هو ڏاڍو خوش ٿيو ۽ اچي پرنسيپال کي ٻڌايائين تہ ”هي ڏهين
درجي تائين پرشن سني نموني پاڙهي سگهندو.“ شري لالا اه
ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ چيائين، ”اسانکي اَهڙي ماسٽر جي
ضرورت آهي.“ وائيس پرنسيپال شري وي.بي. شوداساڻيءَ کي

جيڪي جيو-پراڻي هن سنسار ۾ آيا آهن، اُنهن جو اَنت ۽ اِنهن پنجن حالتن مان ڪڏهن نہ ڪٿي اَنت ئي ٿو. جيو جل ۾ ڄمن ٿا، جل ۾ ئي مري وڃن ٿا. ڪي جيو يوءُ ۾ اُتپن ٿين ٿا ۽ وايوءُ ۾ ئي ناس ٿين ٿا، ڪي اَگنيءَ جو ڪہ ٻڏجن ٿا، ڪي درگهٽنا جو شڪار ٿين، مٽي مٽيءَ سان ملي ي. ڪي آڪاش ۾ پراڻ ڇڏين ٿا تہ ڪي بيماريءَ سبب پراڻ ياڳين ٿا. مان پنجن مها ڀوتن (جل، آڪاش، پرٿوي، وايو ۽ ڳني) مان ٽن مهاڀوتن جي مُکہ ۾ ويندي بچي نڪتو آهيان. ا مان پهريون دفعو جل ديوتا جو شڪار ٿيندي ٿيندي بچيو هيان. ٻيو دفعو وايوءُ ديوتا جو شڪار ٿيندي بچي نڪتو آهيان ۽ يون دفعو اَگني ديوتا ۾ ڀسم ٿيندي بچي نڪتو آهيان. نهنجي جيون ۾ اَهڙا ٽي حادثا ٿي گذريا آهن، جي ڪڏهن ساري نٿو سگهان. موت سان گلي ملي چُڪو آهيان، پر موت اَڃا سنايو نہ آهي، ڇو، ڪارڻ جي ڄاڻ مونکي نہ آهي.

وت سان پهرين ملاقات :

هندستان-پاڪستان جي ورهاڱي بعد جڏهن اَسين بمبئيءَ رهندا هئاسين. شروعاتي دؤر ۾ ڪيترن کي شرير جي خارش لاڪ ڪيو هو. مونکي بہ اَهڙي تڪليف پريشان ڪيو. ڪيترن امونڊي پاڻيءَ سان سنان ڪرڻ جي صلاح ڏني. ان وقت نهنجي عمر ٦ يا ٧ سال هئي. هڪ ڏينهن منهنجو پتا مونکي يٽ وي آف اِنڊيا تي وٺي هليو، جت ٻيا بہ ڪي ماڻهو سنان ڪري رهيا هئا. مان پنهنجي پتا سان ڏاڪن تي سنان ڪري هيو هيس. اچانڪ هڪ زوردار لهر آئي. مان پنهنجي پتا جي ٿ ڪان ڇڏائجي ويس ۽ ڏاڪن ڪان پري گهلجي ويس. نهنجي پتا ڪان رڙ نڪري ويئي ۽ ٻين ڪان رڙ نڪري ويئي پر درت پنهنجو ڪم ڏيکاريو، جو منهنجو هٿ هڪ لوهي زنجير

سيوائن ڪرڻ جو موقعو مليو. مون پنهنجا فرض بخوبي نباهيا. مونکي پنهنجين سيني ساٿين جو سنو سهڪار ملندو رهيو ۽ نيٺ سال ۲۰۰۱ع ڊسمبر مهيني ۾ مان رٽاير ٿيس. رٽاير ٿيڻ کان پوءِ منهنجون سيوائون تعليمي ڪيتر، ساهتيہ ڪيتر، ڪلا ڪيتر، سپيتڪ ڪيتر ۽ سماج سيوا ڪيتر ۾ جاري آهن.

زندگيءَ ۾ اڻ وسرندڙ گهٽنائون :

هر اِنسان جي زندگيءَ ۾ ڪي نہ ڪي اڻ وسرندڙ گهٽنائون گهٽجن ٿيون، جن کي ڪو اِنسان ياعمر وساري نٿو سگهي. منهنجي زندگيءَ ۾ بہ ڪي اَهڙيون گهٽنائون ٿي گذريون آهن، جن کي ياد ڪندي سوچ لاءِ لاچار ٿيڻو پوندو آهي تہ آخر اِنسان جي زندگيءَ جي شروعات ڪيئن ٿئي ٿي ۽ ڪٿي، ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڇو اَنت ٿئي ٿو.

اِنسان پنجن تتون جو پُتلو ٺهيل آهي. اها ڳالھ پنجو پريمي ڪيئن وساري سگهندو. پرماتما جي اَپار مهر سان پنجن تتون مان ٺهيل هي پتلو آخر ۾ پنجن تتون ۾ وري سمائجي وڃي ٿو. شريمد ڀاڳوت گيتا ۾ شري ڪرشڻ ٻڌايو آهي تہ شرير جو :

(۱) هڏ ماس، مٽيءَ جو تتو آهي (پرٿوي).

(۲) پاڻيءَ جو تتو رت آهي.

(۳) پيٽ جي جٺر (کاڌي کائڻ جو هاضمو) اَگني تتو آهي.

(۴) ساھ جو کڻون ۽ ڇڏيون ٿا، اها وايوُ تتو سان سنبنڌ رکي ٿي ۽

(۵) سرير ۾ گئس آڪاش تتو آهي.

باهہ باهہ'' مان جو چرڪ پري ڏسان تہ سَوَڙ جو مٿيون حصو
يئن جلي رهيو هو، گويا اَسين هئي چڪيا تي جلي رهيا هئاسين.
ان يڪدم اُٿيم ۽ سَوَڙ جي ڪُنڊ کي پڪڙي ٻاهر ڇڪي ڪٽي
يس ۽ وراندي ۾ پاڻي وجهي آگہ وسائي. صبح جي وقت انڪل
نج ٿيا هئا. دونهين سبب پاسي وارن جي ننڊ ڦٽي ۽ اَچي
ڇيائون تہ هي صبح جو دونهون ڇا جو آهي؟

جڏهن اُنهن سان ڳالهہ ڪئي ۽ وراندي ۾ اَڌ ڪان وڌيڪ
ڙيل سَوَڙ ڏٺائون تہ حيرت ۾ پئجي ويا ۽ پڇيائون تہ شرير تي
ڪا لهس ۽ ڪو ٻيو نقصان وغيره تہ نہ ٿيو. اَسان کي ڪا لهس ۽
ڪو نقصان ٿيو. سڀني ڀڳوان جا ٿورا مڃيا. اَسان ساکيات
ڳني ديوتا مان سرڪشت بچي نڪتا هئاسين. ڪنهن سچ چيو
هي:

''جاڪو راکي سائين، مار سکي نہ ڪوئي!''

''فانوس بنڪي حفاظت جِسڪي هوا ڪري،

وو شمع ڪيا بجهي، جِسي روشن خُدا ڪري!''

زندگيءَ جي اَهڙين گهٽنائن کي پلا ڪير ٿو سوُلائيءَ سان
ساري سگهي. اجا زندگيءَ ۾ ڇا ڇا ڏسڻو آهي، اِها خبر خدا
ي. اِنسان سچ پچ هڪ ڪٺ-پتلي آهي، جيئن ناچ نچائي،
چڻو ئي آهي ۽ بس !!

***

کي لڳو. مون انکي پڪڙي ورتو. ٻي ڪن ۾ پاڻي پوئتي هٽيو ۽
مان زنجير جي سهاري ڏاڪي طرف وڌيس. پتا مونکي هڪدم
پڪڙي ٻاهر وٺي آيو.

ٻيو دفعو موت سان ملاقات :

۱۹٦۴ فيبرري مهيني جي ڳالهه آهي. مان بمبئيءَ ۾
بامبي پورٽ ٽرسٽ ۾ نوڪري ڪندو هيس. هڪ ڏينهن لنچ
ٽائيم ۾ منجهند جي ماني کائي ريڪس سنيما طرف فروٽ
کائڻ ويس. زوردار هوا لڳي رهي هئي. مان هڪ گاڏي واري
کان زيتون وٺي فوٽ پاٿ تي بيهي مزي سان کائي رهيو هيس.
زيتون کائي ٿورو ئي ٻه قدم اڳيان وڌايا ته هڪ وڏو پتري جو
ٻاري پترو زوردار هوا سبب اچي ذري گهٽ پيرن تي ڌڙام سان
ڪِريو. جي ٻه چار قدم نه وڌايان ها ته مان لوهي پتري جو ڌڪ
نه سهي سگهان ها. ماڻهن ڊوڙي اچي مونکي ورايو ۽ چيو،
”ڀڳوان ني آپ ڪو بچا ليئا.“ مان پڻ زوردار آواز سبب
ڌهلجي ويس. ان ريت وايو ديوتا مونکي موت جو درشن ڪرائي
ڇڏي ڏنو.

ٽيون دفعو موت سان ملاقات :

۲٦ جنوري ۱۹۹۳ جي رات، هڪ يادگار رات، جڏهن
اَسين ۲۲ سيڪشن، بئرڪ ۹۴۰ ۾ رهندا هئاسين. مڇرن جي
آزار سبب رات جو منهنجي پٽ ڪڇوا اَگربتي ٻاري ۽ اها پلنگ
جي ويجهو رکيائين. ٿڌ جا ڏينهن هئا. مان ۽ منهنجي پتني
سَوڙ پائي سُمهيا هئاسين. خبر نه آهي، ڪيئن ۽ ڪهڙي وقت سَوڙ
ٿوري سُرڪي ۽ ڪجهه حصو سَوڙ جو هيٺ لهڻ ۽ پنکي جي هوا
سبب ڪڇوا اَگربتي ۽ سَوڙ جو ميل ٿيو ۽ ٻاهه سَوڙ کي وِچڙي
ويئي. اَچانڪ منهنجي پتنيءَ جي اَک کُلي ۽ رڙ ڪري چيائين،

With Best Compliments from :



SHUBH JEWELLERS

Shop No. 609, Zaveri Bazar, Ulhasnagar - 421 002.
✆ : 2705844 • Mob.: 9890275844

هزارين خوشيون گهٽ آهن هڪ غم ڀلائڻ واسطي،
هڪ غم ڪافي آ تنهنجو، زندگيءَ ڀر روئڻ واسطي.

جنم :
21-7-1954



جوتي جوت سمايا :
12-9-1998

سرڳواسي شري لعل پرسرام پنجواڻي

اَسانجا پيارا لعل، وڇڙيو آهين پر ڪڏهن نہ وسريو آهين.
تنهنجي هر ياد نگر نيوز پريوار سان سدا جُڙيل آهي.
جيون ۾ تو ڦهلايو آگٽن روپي سُهڻو واس،
پرماتما جي چرنن ۾ رهندو تنهنجو سدا نِواس.

نگر نيوز پريوار - سنڌونگر
پنجورام تيجوجا ”پريمي“

دولهہ دل سان جن ياد ڪيو،
ٿئي تن جو ٻيڙو پار.
نہ وساري جو سات سڄڻ جو،
مالڪ ٿئي ڪيئن ڏار؟



لعل سائين متر منڊل سنڌونگر

ناز ڪري ٿو،
جيڪي سنڌيت جا سهڻا ڪاريہ ڪري سنڌين جو
شان اوچو ڪرڻ ۾ اڳتي قدم وڌائيندا رهن ٿا.
اَهڙا نيڪ لعل سائينءَ جا پيارا آهن :



شري هرداس ٽارواڻي


شري ڪمل پارواڻي

شري موهن ٽارواڻي

شري ڏيرن ٽارواڻي



With Best Compliments from :



S. Gurdeepsingh C. Sur

PRESIDENT

ULHASNAGAR FURNITURE BAZAR SHOP-KEEPER'S ASSOCIATION

SURAJ WOOD WORKS

Furniture Bazar, Ulhasnagar - 421 003.

Tel.: (O) 2544775, 2563575 • (R) 2559611

Mob.: 9822016750

ॐ

پوڄ ماتا موهني بائي ۽
پوڄ پتا شري سڏامون مل
جهامناڻيءَ جي پوتر ياد ۾



پوڄيہ ماتا صاحب پوڄيہ پتا صاحب

وڇڙيا آهيو پر هرگز نہ وسريا آهيو.

توهانجي آسيس اَسانجي سموري پريوار مٿان نت رهندي آهي ۽ اَهڙي آسيس سدا رهندي اَچي.

شيوا ۾

شري سياڳچند سڏامون مل جهامناڻي

شري مُڪيش لعل سڏامون مل جهامناڻي

شري گوپيچند سڏامون مل جهامناڻي

With Best Compliments from :

Haresh B. Purswani
Jeetu B. Purswani

Prime
Chem Industries

Manufacturers & Dealers of Acids & Alums
(Ferric & Non Ferric)

REGD. OFFICE :
5, Hardwar Apt., New Link Road, Ulhasnagar - 421 002.
Dist. Thane (M.S.), Tel./Fax : 0251-2551969
Mobile : 9422686969 / 9422075959

"HARI OM"

With Best Compliments from :

Peter-Luis


Pure Gold
ORIGINAL


MAHESH GARMENTS

Mfg. Of : Exclusive Readymade Garments

Off.: Manish Market, 3rd Floor, Shop 12,
Ulhasnagar - 421 002.
✆ 0251-2706530 • Mob.: 9822072696







In Sweet Memory of Loving Father



SHAHEED : DUNICHAND T. KALANI

Your blessings Over

Shree Pradeep Kalani, Girish Kalani,
Manoj Kalani &
Kalani Family



ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ ليکڪ شري پنجورام تيجوجا
’پريمي‘ جو سنمان ڪري رهيا آهن. پٺيان ويٺل
شري رميش آهوجا، گايڪ ڪلاڪار اومپرڪاش ۽
ڀاسي ۾ ٻيٺل پروفيسر گوپ روپچنداڻي.



کابي کان ڪارپوريٽر شري نريندر ڪمار (ڪماري)،
ڪارپوريٽر راجو جگياسي ۽ مائيڪ تي پروفيسر لعل
ٽنواڻي ۽ ليکڪ شري پنجورام تيجوجا ’پريمي‘.



کابي کان شري دوداڻي، راجاڻي، پروفيسر گوپ
روپچنداڻي، شري ڪمل پارواڻي، ليکڪ شري
پنجورام تيجوجا ’پريمي‘ ۽ هڪ ساهتيه پريمي.